روزاني

سنڌيار

سکر

Daily SINDHYAR Sukkur

www.dailysindhyar.com

ايڊيٽر: اعجاز مهر

(جلد ڇهريون) خميس 23 فيبروري 2023ع بمطابق 02 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 271

جيل ڀريو تحريڪ: شاهه محمود سميت ڪيئن اڳواڻن گرفتاري ڏئي ڇڏي

لاهور ۾ ڪيپٽل سٽي پوليس آفيس تي پي ٽي آءِ جي ڪيئي اڳواڻ ۽ ڪارڪن قيدين جي گاڏي ۾ سوار ٿي ويا ۽ قيدين جي وين جي ڇت تي چڙهي ويا

پوليس، اهلڪارن سميت سيني جي داخلا سي سي پي او آفيس ۾ روڪي ڇڏي جنهن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ ڪارڪن سي سي پي او آفيس آڏو روڊ تي ليٽي پيا

ڪارڪن وين تي چڙهي سيلفيون ڪاهيندا رهيا. پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا اڪائونٽ تان به گرفتاري ڏيڻ وارن اڳواڻن جون سيلفيون جاري ڪيون ويون

ڪيترائي ڪارڪن پوليس وين تان لهي ويا ۽ سي سي پي او آفيس کان واپس چيئرنگ ڪراس طرف روانو ٿي ويا

پوليس تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتاري جي تياري ڪري ورتي آهي ۽ ڪين 3 ايم پي او تحت گرفتار ڪيو ويندو: ذريعا

اسان گرفتار ناهي ڪيو، هي پاڻ ئي پريزن وين تي اچي ويهي رهيا آهن، جڏهن ته اسان کي حڪومت طرفان گرفتاري جو ڪو به حڪم ناهي مليو: پوليس

لاهور(م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي جيل ڀريو تحريڪ جي شروعات تي وائس چيئرمين شاهه محمود قريشي ۽ جنرل سيڪريٽري اسد عمر سميت ڪيئي اڳواڻ گرفتاري ڏئي ڇڏي. لاهور ۾ ڪيپٽل سٽي پوليس (سي سي پي او) آفيس تي پي ٽي آءِ جي ڪيئي اڳواڻ ۽ ڪارڪن قيدين جي گاڏي ۾ سوار ٿي ويا ۽ قيدين جي وين جي ڇت تي چڙهي ويا. گرفتاري ڏيڻ وارن ۾ عمر سرفراز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: جيل ڀريو تحريڪ جي شروع ٿيندي ئي گرفتاري ڏيندڙ شاهه محمود قريشي، اسد عمر ۽ ٻيا فتح جو نشان ڏيکاريندي

آءِ ايم ايف سان معاهدي باوجود مهانگائي گهٽ نه ٿيندي، وزيراعظم خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي

آءِ ايم ايف سان معاملن جا هڪ ٻه آئٽم رهجي ويا آهن، اميد آهي ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ معاهدو طئي ٿي ويندو: شهباز شريف

معاهدي جي نتيجي ۾ مهانگائي وڌيڪ وڌندي، عام ماڻهو ملڪ ۽ قوم لاءِ هميشه قرباني ڏني آهي، زلزلو هجي يا ٻوڏ قدرتي آفتن ۾ سدائين غريب ماڻهو تي بوجهه پيو آهي

پوري ڪوشش ڪنداسين ته پاڪستان کي ڏکيائن مان ڪڍون. مُلڪ کي غربت مان ڇوٽڪارو ڏيارڻو آهي ته اجتمائي ڪوششون ڪرڻيون پونديون

آءِ ايم ايف معاهدي جي نتيجي ۾ عام ماڻهو تي بار پيو ته اهو سوال اٿاريندو ته حڪومت ڇا ڪيو؟ اشرافيا جو ٻار بيمار ٿيندو ته اهو فرانس ۾ علاج ڪرائي سگهي ٿو

غريب جي گهر بيماري ايندي ته سڄي خاندان جو نندون حرام ٿي وينديون ته علاج ڪيئن ٿيندو، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ 25 سيڪڙو واڌ ڪري رهيا آهيون

سمورن وفاقي وزيرن صلاحڪارن ۽ مملڪتي وزيرن رضاڪاراڻي طور پگهارون ۽ مراعاتون نه وٺندا، خاص مددگارن به رضاڪاراڻي طور پگهارون ۽ مراعاتون نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي: اسلام آباد ۾ وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد(م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف سان معاملا آخري مرحلن ۾ آهن ۽ معاهدي جي نتيجي ۾ مهانگائي وڌيڪ وڌندي. اسلام آباد ۾ وزيراعظم شهباز شريف ٻين وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته آءِ ايم ايف سان معاملن جا هڪ ٻه آئٽم رهجي ويا آهن، اميد آهي ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ معاهدو طئي ٿي ويندو. وزيراعظم جو چوڻ هو ته معاهدي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اسلام آباد ۾ وفاقي وزيرن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

مڪاني چونڊن جي نتيجن تي اسان کي به خدشا آهن: سعيد غني

اليڪشن ڪميشن پنهنجي نگراني ۾ ٻيهر ڳڻپ ڪرائي، اليڪشن ڪميشن جيڪو فيصلو ڪندي قبول آهي

ماضيءَ جي ڪيترين ئي چونڊن ۾ جماعت اسلامي هارايو آهي: اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته مڪاني چونڊن جي نتيجن تي اسان کي به خدشا آهن اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني جو چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي نگراني ۾ ٻيهر ڳڻپ ڪرائي، اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پاران پنوعاقل جي مختلف جڳهن جو دورو

معياري تعليم جي فراهمي ۾ يو ايس اي آئي ڊي سميت ٻين ڊونر ادارن جو ڪردار قابل تعريف آهي: جام اڪرام الله

صنعت ۽ ڪوآپريٽو سوسائٽيز واري صوبائي وزير گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪمال خان انڊڙ جو دورو ڪيو

پيپلز پارٽي جي عوامي حڪومت تعليم، صحت، انفراسٽرڪچر تي هنگامي بنيادن تي ڪم ڪري رهي آهي

ڪراچي(رپورٽر) صوبائي وزير صنعت ۽ ڪوآپريٽو سوسائٽيز سنڌ جام اڪرام الله ڌاريجو پنهنجي حلقي پنوعاقل جي مختلف جڳهن جو دورو ڪيو هن ڳوٺ ڪمال خان انڊر پهچي ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪمال خان انڊڙ جو دورو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پنوعاقل: صوبائي وزير صنعت ۽ ڪوآپريٽو سوسائٽيز سنڌ جام اڪرام الله ڌاريجو اجلاس دوران ڳالهائيندي

شرجيل انعام ميمڻ پاران راجا اصغر سومرو ۽ طفيل احمد سان تعزيت

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ آواز ٽي وي جي رپورٽر راجا اصغر سومرو جي والد ۽ روزاني ايڪسپريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

چين پاڪستان لاءِ ستر ڪروڙ ڊالر فنانسنگ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسحاق ڊار چين طرفان پاڪستان لاءِ ستر ڪروڙ ڊالر جي فنانسنگ جي منظوري جو اطلاع ڏنو

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کي اها رقم هفتي اندر ملڻ جي اميد آهي

اسلام آباد(م ڊ) چين جي ترقياتي بئنڪ پاڪستان لاءِ ستر ڪروڙ ڊالر فنانسنگ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اعليٰ عدليا جا ٻه جج (ن) ليگ لاءِ تعصباڻو رويو رکن ٿا: گهرو وزير

جسٽس اعجاز الاحسن نواز شريف خلاف ڪيس ۾ نگران جج رهيو ان مان انصاف جي اميد ناهي: راڻا ثناءُ الله

جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي جي آڊيو ليڪ جو ناقابلِ ترديد ثبوت سامهون اچي چڪو آهي

ٻئي جج نواز شريف بابت ڪيئي ڪيسن ۾ سنڌس خلاف فيصلا ڏئي چڪا آهن

اسلام آباد(م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي جو ن ليگ لاءِ رويو تعصباڻو رهيو آهي. گهرو وزير پنهنجي بيان ۾ چيو ته جسٽس اعجاز الاحسن نواز شريف خلاف ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڀڄڻو عمران خان عدالتن ۾ ضمانتن لاءِ درخواستون داخل ڪري رهيو آهي: شرجيل ميمڻ

تحريڪ انصاف سربراهه نوجوانن کي جيل جي سلاخن جي پويان موڪلي ملڪ جي مستقبل سان ڪيڏڻ جون سازشون ڪري رهيو آهي

انتشار خان پنهنجي معمولي سياسي مقصدن لاءِ ملڪ ۾ غيريقيني واري صورتحال برقرار رکڻ چاهي ٿو

قوم جي ٻارن کي ملڪ جون حالتون خراب ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي، عمران خان ادارن کي بليڪ ميلنگ جا حربا استعمال ڪري رهيو آهي

لانگ مارچ، ڌرڻن سميت ان جون سموريون سازشون ناڪام ٿي چڪيون آهن، پي ٽي آئي جيل ڀريو تحريڪ جو به شوق پوري ڪري وٺي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ پي ٽي آئي جي جيل ڀريو تحريڪ تي تبصرو ڪندي چيو آهي ته ڇا عمران خان لاهور ۾ پاڻ گرفتاري پيش ڪري ڇڏي؟ ڀڄڻو عمران خان عدالتن ۾ ضمانتن لاءِ درخواستون داخل ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف قوم جي نوجوانن کي جيل جي سلاخن جي پويان موڪلي ملڪ جي مستقبل سان ڪيڏڻ جون سازشون ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خوراڪ کاتي مختلف ريجنز ۾ 466 ڪڻڪ جي خريداري جي مرڪز کولڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

پوري سنڌ ۾ 466 ڪڻڪ جي خريداري جي مرڪزن کي قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي: خوراڪ کاتو سنڌ

حيدرآباد ۽ ميرپور خاص فوڊ ريجنز ۾ ڪڻڪ جي خريداري جي 126 مرڪزن ڏني وئي

لاڙڪاڻي فوڊ ريجن ۾ 120 ڪڻڪ جي خريداري مرڪزن ڊبليو پي سي ايس جي منظوري ڏني وئي

ڪراچي(بيورو رپوٽ) خوراڪ کاتي حڪومت سنڌ صوبي سنڌ جي مختلف ريجنز ۾ 466 ڪڻڪ جي خريداري جي مرڪزن (WPCs) کولڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. خوراڪ کاتي حڪومت سنڌ پاران جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ٿرڪول جي ذخيرن لاءِ ريگيوليٽري فريم ورڪ بابت مشاورتي اجلاس ڪوٺايو ويو

توانائي جي مسئلن جو مڪمل، سستو ۽ پائيدار حل سنڌ وٽ موجود آهي: امتياز شيخ

سنڌ صوبي جا قدرتي وسيلا توانائي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ بهترين وسيلا آهن

پي ٽي آءِ حڪومت جي پاليسين سنڌ حڪومت جي منصوبن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چيو آهي ته سنڌ وٽ توانائي جي مسئلن جو مڪمل، سستو ۽ ڏگهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پاڪستاني وفد سيڪيورٽي معاملن تي ڳالهين لاءِ افغانستان پهچي ويو

وفد دهشتگردي جي خاتمي بابت مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو

خواجا آصف، ڊي جي آءِ ايس آءِ نديم انجم ۽ ٻيا وفد ۾ شامل

ڪابل(م ڊ) پاڪستاني وفد عبوري افغان حڪومت جي اختيارين سان سيڪيورٽي بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ لاءِ ڪابل پهچي ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪابل: پاڪستاني وفد جي افغانستان پهچڻ تي اختيارين آڌرڀاءُ ڪندي

ام رباب جي گهرڀاتين جي قتل ڪيس ۾ اڳوڻو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو گرفتار

دادو جي عدالت اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي

ضمانت واري درخواست رد ٿيڻ تي پوليس ڪريم بخش چانڊيو کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو

اڳوڻي ايس ايڇ او جي گرفتاري اسان جي ٻي فتح آهي، عدالتن تي اعتماد سبب پيرين اڳهاڙي به پهچندي هيس: ام رباب

دادو(رپورٽر) دادو جي عدالت ميهڙ جي ٽيٽي قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

دادو: ميهڙ جي ٽيٽي قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو جي گرفتاري لاءِ پوليس بيٺل آهي

سردار عبدالرحمان ڪيتران جي گهرن تي ڇاپا

منهنجو پيءُ ظالم شخص آهي: انعام ڪيتران

ڇاپن دوران ڪين ڪو به مغوي يا يرغمال بڻايل ماڻهو نه مليو: پوليس

ڪوئيٽا (م ڊ) بارڪان ۾ عورت جي ٻن پٽن سوڊ قتل واري واقعي بعد پوليس جا سردار عبدالرحمان ڪيتران جي گهرن تي ڇاپا. ٻن پٽن سوڊ قتل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سردار عبدالرحمان ڪيتران جو پٽ انعام ڪيتران

جنرل(ر) فيض حميد ڪجهه سالن ۾ ئي ارب پتي بڻجي ويو

فيض حميد جي پوري خاندان وٽ 120 ايڪڙ زمين هئي هاڻي 2200 ايڪڙ زمين آهي

500 ايڪڙ تي فارم هائوس آهي، 40 ايڪڙ تي رڳو باغ آهن

لاهور(م ڊ) 2019ع ۾ آءِ ايس آءِ جي اڳوڻي سربراهه جنرل(ر) فيض حميد جي پوري خاندان وٽ 120 ايڪڙ زمين هئي هاڻي 2200 ايڪڙ زمين آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پگهارون ختم، گاڏيون واپس وٺڻ سميت وفاقي ڪابينا اهم فيصلن جي منظوري ڏئي ڇڏي

وفاقي وزير سرڪاري گاڏيون واپس ڪندا، پيٽرول جو استعمال گهٽائيندا ۽ پنهنجو پگهارون به نه وٺندا: ذريعا

وزير سرڪاري آفيس ۾ خزاني ۾ ڪجهه به خرچ نه ڪندا، سرڪاري آفيسن ۾ بجلي جو گهٽ کان گهٽ استعمال جو فيصلو ڪيو ويو

وزيراعظم پاران پرڏيهي وزارت کي ٻه فارين مشن واري اسٽاف کي گهٽائڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد(م ڊ) وفاقي ڪابينا ملڪي معاشي حالتن کي نظر ۾ رکندي ڪفايت شعاري جي منظوري ڇڏي ڇڏي آهي. ذريعن موجب وفاقي وزير سرڪاري گاڏيون واپس ڪندا، پيٽرول جو استعمال گهٽائيندا ۽ پنهنجو پگهارون به نه وٺندا. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌو درياهه کي ڊرينيج ۾ تبديل ڪيو ويو آهي: عدالت

شهر ۾ پينا فليڪس هٽي ماڻهن کي ٻڌايو ته پاڻي زهريلو آهي

ڪميٽي ۽ نجي ليبارٽري سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ رپورٽ پيش ڪري ڇڏي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر انتظاميا کي حڪم ڏنو آهي ته سنڌو درياهه کي ڊرينيج ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، انتظاميا اڄ ئي شهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سپريم ڪورٽ سائفر جي جاچ لاءِ داخل اپيلن تي رجسٽرار آفيس جي اعتراضن خلاف داخل درخواستون خارج ڪري ڇڏيون

سائفر جي جاچ سرڪار جو ڪم آهي، ٻڌل ڳالهين تي جاچ جو حڪم ڇو ڏيون؟: جسٽس قاضي فائز

عدالت ٻڌي سڌي ته جاچ جو حڪم ڪيئن ڏئي سگهي ٿي، اسان افواهن تي يقين نٿا رکون

پارليامنٽ کي ڇئو هو اسانکي اختيار ڏين پوءِ اسان مداخلت ڪري سگهون ٿا، سڀ ٻڌل ڳالهيون آهن

اسلام آباد(م ڊ) سپريم ڪورٽ سائفر جي جاچ لاءِ داخل اپيلن تي رجسٽرار آفيس جي اعتراضن خلاف داخل درخواستون خارج ڪري ڇڏيون آهن. سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سائفر جي جاچ لاءِ داخل اپيلن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نيب چيئرمين تي 50 ڪروڙ جو پلاٽ 10 ڪروڙن ۾ خريد ڪرڻ بابت جاچ لاءِ دٻاءُ

جي وڪري ۽ خريداريءَ بابت ناماياري صحافي عبدالقيوم صديقي انڪشاف ڪيو هو

ساڳي وقت عمران خان ۽ پرويز الاهي خلاف تڪڙي جاچ ڪري گرفتار ڪرڻ لاءِ به دٻاءُ هو

لاهور(م ڊ) نيب چيئرمين آفتاب سلطان تي حڪومت جو نه ۾ نظر نه ايندڙ قوتن جو دٻاءُ هو خاص طور 50 ڪروڙ رپين جي پلاٽ جو پڳڙن مٽ تي وڪرو ۽ 10 ڪروڙن ۾ خريد ڪندڙ بابت جاچ ۽ گرفتاريءَ لاءِ دٻاءُ هو ناماياري صحافي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

بارڪان واقعو: بلوچستان جي گهرو وزير جو مغوين جي بازيابي لاءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خط

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي گهرو وزير بارڪان واقعي تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خط لکي ڇڏيو آهي. صوبائي گهرو وزير بارڪان واقعي ڪانپوءِ مري قبيلي جي مغوين جي بازيابي لاءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خط لکيو آهي. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڏانهن لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ذميواري آهي. ٻارن کي بازياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سنڌ ۾ پوليس اهلڪارن تي وڏي پابندي لاڳو، ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي

ڪراچي(م ڊ) سنڌ ۾ ڊيوٽي دوران پوليس اهلڪارن جي سمارٽ فون جي استعمال تي پابندي لاڳو هوندي، جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. آءِ جي سنڌ آفيس طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته پوليس اهلڪار فرضن جي ادائيگي دوران سمارٽ فون استعمال نه ڪندا. نوٽيفڪيشن موجب جيڪي اهلڪار فيلڊ ڊيوٽي تي مقرر هوندا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

خيرپورناٿن شاهه: ايس يو پي پاران نڪتل پيادل مارچ ۾ زين شاهه ۽ ٻيا بيٺل آهن

اسلام آباد: خاتون اول بيگم ثمينا عارف علوي تقريب دوران ڳالهائي رهي آهي

جيل ڀريو تحريڪ ملڪ خلاف سازش جي تحريڪ آهي: مريم اورنگزيب

ملڪ جون حالتون ڪجهه بهتر ٿينديون آهن ته عمران نئين تماشي جو اعلان ڪري ڇڏيندو آهي

عمران خان وزارت عظميٰ جي منصب تي ويهي رياستي طاقت جو استعمال ڪري پنهنجا ڪيسا ڀريا

اسلام آباد(م ڊ) سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته جيل ڀريو تحريڪ ملڪ خلاف سازش جي تحريڪ آهي. جيل ڀريو تحريڪ جي شروعات گرفتاريءَ کان اڳ ضمانت سان ٿي آهي. آفتاب سلطان ذاتي سبب جي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ايس يو پي جو پيادل مارچ، حالتون خراب آهن، سنڌ جي حقن لاءِ سڀني کي سُجاڳ ٿيڻو پوندو: زين شاهه

ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ميهڙ کان ڪي اين شاهه طرف روانو ٿيو

حڪومت عوام جو پيسو لٽيو آهي، جيڪو واپس ڪرايو وڃي، سنڌ ٻوڙائيندڙن جو احتساب ضروري آهي

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽر) سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف سکر مان نڪتل ايس يو پي جو پيادل مارچ پنهنجي منزل طرف روان دوان آهي. ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ميهڙ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سپريم ڪورٽ ۾ هفتي اندر اهم تبديلين جو امڪان

جسٽس فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس داخل ٿيو هو: ناميارو صحافي

جون بار ڪائونسلون جسٽس فائز عيسيٰ جي حمايت ۾ ميدان تي اچي ويون هيون

اسلام آباد(م ڊ) سپريم ڪورٽ جي جسٽس مظاهر علي نقوي سان بئنچ ۾ ويهڻ کان ساٿي جج ڪترائڻ لڳا آهن. جڏهن ته سي سي پي او لاهور غلام محمود ڊوگر جي بحاليءَ وارو فيصلو به شايد واپس ٿي وڃي. ناماياري صحافي مرجب جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان سعودي عرب جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪي پي او حملي ڪيس جا 2 سهولتڪار ڪراچي ۾ موجود: رپورٽ عدالت ۾ پيش

ڪي پي او حملي بابت سي ٽي ڊي اختيارين دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ رپورٽ پيش ڪري ڇڏي

17 فيبروري تي ڪي پي او آفيس تي دهشتگردن حملو ڪيو، ڊي آءِ جي ڊاڪٽر عرفان بلوچ جي اڳواڻي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو ويو: رپورٽ

ٽي دهشتگرد ڪار ۾ پوليس صدر لائن پهتا، گاڏي کي به تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي، 2 وڌيڪ دهشتگرد موٽرسائيڪل تي آيا

ڪراچي (م ڊ) ڪي پي او حملي بابت سي ٽي ڊي اختيارين دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ رپورٽ پيش ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته واقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

جيل ڀريو تحريڪ "جهاد آهي" سڀ پاڪستاني حصو وٺن: عمران خان

اسان وٽ ٻه وڏا سبب آهن جنهن جي بنياد تي اسان حقيقي آزادي لاءِ جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري رهيا آهيون

پهريون اهو ته هي تحريڪ پرامن آهي ۽ آئين تي حملي ۽ بنيادي حق نه ملڻ خلاف احتجاج آهي

اسان جي صحافين ۽ سوشل ميڊيا جي ماڻهن تي حملا ڪيا پيا وڃن: سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پيغام

اسلام آباد(م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته جيل ڀريو تحريڪ هڪ جهاد آهي جيڪو مُلڪ کي برباد ڪرڻ وارن خلاف آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڏوڪري: نينگري سان ريپ ماري جو جرڳو: 30 لک ڏنڊ جي فتويٰ

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ويجهو مبينا زيادتي جو نشانو بڻايل نينگري واري معاملي جو جرڳو ٿيو آهي. الزام هيٺ آيل ڌر مٿان 30 لک ڏنڊ جي فتويٰ ٻڌائي وئي آهي ڪوٽ ناڻڙي ۾ 3 هفتا اڳ مبينا زيادتي جو نشانو بڻايل نينگري واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: ٽريفڪ اهلڪار کان هٿيار کسڻ جو الزام، نوجوان خلاف ڪيس داخل

ڪراچي(م ڊ) ڪراچي جي علائقي قائد آباد ۾ ٽريفڪ اهلڪار سان بدتميزي ڪندڙ نوجوان شهري جي خلاف ٽريفڪ پوليس اهلڪارن طرفان ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي. ٽريفڪ پوليس الزام هنيو آهي ته نوجوان اهلڪارن کان هٿيار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ملڪ ۾ ترقي جو ڦيٿو رڪيل آهي، رڳو تباهي هلي پئي: سراج الحق

تباهي آڻيندڙن جو احتساب رڳو ووٽ ذريعي ئي ممڪن آهي

عوام ن ليگ، پ پ ۽ پي ٽي آءِ کي گهڻو آزمايو آهي

ڪراچي (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته ملڪ ۾ ترقي جو ڦيٿو جام آهي، رڳو تباهي هلي رهي آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عمران خان سيني سياستدانن سان وڙهي ويٺو آهي: ناصر شاهه

هاڻي پرويز الاهي پنهنجي پاءُ سان وڙهي عمران خان سان گڏ ويٺو آهي

پيپلزپارٽي جي قيادت ۾ نوجوان اڳواڻ بلاول ڀٽو ڪري رهيو آهي

ڪراچي(م ڊ) سنڌ جي بلديات واري وزير سيد ناصر حسين شاهه پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي جي پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ تي تبصرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لاڪاڙو ۾ هوت خان جلباڻي هاءِ اسڪول جي شاگرد ڪان هٿيار بندن پاران ڦر، احتجاج

هٿياربندن ستين ڪلاس جي شاگرد غلام مصطفي راجپر ڪان ون ٽو فاءِ موٽر سائيڪل ڦري ڪئي

هيڊ ماستر مقبول احمد ميمڻ استاد سرفراز احمد راجپر جنرل سيڪريٽري گسٽا پاران مظاهرو ڪيو ويو

ڦرتيل موٽر سائيڪل واپس ڪرڻ ڪي جلد ڪان جلد گرفتار ڪري استادن ڪي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

لاڪاڙو (رپورٽ:اظهر جلباڻي) هوت خان جلباڻي هاءِ اسڪول جي ستين ڪلاس جي شاگرد غلام مصطفي راجپر ڪان ون ٽو فاءِ موٽر سائيڪل ڦر خلاف سوين شاگردن ۽ استادن جو احتجاج ان موقعي تي شاگردن بدامني خلاف نعريبازي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

لاڪاڙو: شاگرد ڪان هٿياربندن پاران ڦر خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

الفلاح ايسوسيئيشن عوام جي ڀلائي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي: محمد عمر حيدر

ڪراچي (رپورٽر) تنظيم معمار الفلاح ايسوسيئيشن عوام جي ڀلائي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي رپورٽ موجب تنظيم الفلاح معمار ايسوسي ايشن جي باني ۽ صدر محمد عمر حيدر ۽ جنرل سيڪريٽري سيد محمد ممتاز حسين شاه صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته اسان جي تنظيم هر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گجو لڳ ڪي ڊي اي واهه مان پوليس ڪي ڪراچي واسي همراهه جو لاش هٿ

جي سڃاڻپ ڪراچي واسي احمد علي طور ڪئي ويئي ، سول اسپتال مڪلي نيو ويو

ڪي ڊي واهه مان پاڻي پريندي پير ترڪڻ ڪري واهه ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو هو:پوليس

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) گجو لڳ ڪي ڊي اي واهه مان پوليس ڪي هڪ لاش هٿ آيو آهي. جنهن جي سڃاڻپ ڪراچي واسي احمد علي طور ڪئي ويئي آهي. پوليس لاش کي سول اسپتال مڪلي پهچائي سندس وارثن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته فوتي شخص ڪي ڊي واهه مان پاڻي پريندي پير ترڪڻ ڪري واهه ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو هو. جنهن جو لاش مقامي رهواسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ام رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس ۾ نامزد ايس ايڇ او جي ضمانت رد، جيل حوالي

ڪيس نامزد ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو جي ضمانت تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

ڪريم بخش چانڊيو جي ضمانت رد ڪندي هٿڪڙيون لڳائي عدالتي احاطي مان جيل منتقل ڪيو ويو

عدالت ميهڙ واقعي ۾ ملوث ايس ايڇ او جي گرفتاري ڪرائڻ جو جرئتمندانه فيصلو ڪيو آهي: ام رباب چانڊيو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ميهڙ واقعي ۾ ام رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس ۾ نامزد ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو جي ضمانت واري درخواست رد ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو کي عدالتي احاطي مان هٿڪڙيون لڳائي جيل ڪسٽڊي ڪيو ويو جڏهن ته ام رباب ۽ ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ پيش ٿيا گذريل ڏينهن ٻنهي ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو: ام رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس ۾ نامزد ايس ايڇ او ٻي پاسي ام رباب ميڊيا سان ڳالهائيندي

دادو جي جامع مدينته العلوم سربراهه مولانا سالانا امتحان ٽيڻ بابت شيڊول پڌرو

مفتي علي اصغر لغاري پنهنجي پريس بيان ۾ ٻڌايو ته الحمدالله پوري پاڪستان جي ديني ادارن جي تعليمي بورڊ وفاق المدارس العربيه پاران پاڪستان ۾ سالانه امتحان شروع آهن 18 فيبروري کان 23 فيبروري 2023 تائين جاري رهندا جنهن ۾ ضلع دادو جي جامع عربيه مدينته العلوم سومينائي بائي پاس روڊ دادو تي به جاري آهن جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي وڪري تي ضابطو نه اچي سگهيو

پوليس جي مسلسل خاموش ۾ٽيل هزارين انساني قيمتي زندگيون تباهي جي ورچڙهي ويون

ڪچي شراب جو واهپو عروج تي پهتل، انتظاميا نوٽن عيوض منشيات فروشن ڪي ڪلي ڇوٽ ڏئي ڇڏي

فوري طور منشيات جي ڪلي عام وڪرو ڪندڙن ڪي گرفتار ڪيو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ) ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي وڪري تي ضابطو نه اچي سگهيو پوليس لکئين روپيه پٽو وٺي مسلسل خاموش ٻٽيل هزارين انساني قيمتي زندگيون تباهي جي ورچڙهي ويون سوين ماڻهون مختلف خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا ستر موري، موريا، ٽانگو شاه، ٽمون موري، ۽ پسگردائي جي علائقن گوٺن ۾ زهريلي مين پڙي گٽڪو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪوهستاني پٽي ۾ گيسٽرو، دست، الٽي، ڪنگهه، بخار واري بيماري وبائي صورت اختيار ڪري وئي

وڏي تعداد ۾ مرد، عورتن سميت معصوم ٻارڙا بيمارين ۾ مبتلا ٿي اسپتالن سميت بستري پيڙا ٿي ويا

رهواسين اسماعيل، انور، جان محمد، جمعدار جمعه خان، ابراهيم، بشير، حاجي رمضان پاران احتجاج رڪارڊ

سرڪاري اسپتالون قائم ڪري ڪوهستان واسين ڪي صحت جون بهتر سهولتون مهيا ڪيون وڃن: ڳالهيون

ٺٽو (در) تعلقي ٺٽي جي ڪوهستاني پٽي ۾ گيسٽرو، دست، الٽي، ڪنگهه، بخار واري بيماري وبائي صورت اختيار ڪري ويئي. وڏي تعداد ۾ مرد، عورتن سميت معصوم ٻارڙا بيمارين ۾ مبتلا ٿي اسپتالن سميت بستري پيڙا ٿي ويا. غريب ماڻهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو: ڪوهستاني پٽي ۾ گيسٽرو ۾ پير بيمارين جي ورچڙهيل ٻارڙا

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي حڪم تي ٽيم سول اسپتال پهچي مختلف شعبن جو دورو ڪري جائزو ورتو

سکر: سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي حڪم تي ٽيم طرفان سول اسپتال سکر پهچي مختلف شعبن جو دورو ڪري جائزو ورتو دوري دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي رجسٽرار جي اڳواڻي ۾ ٽيم اسپتال جي مختلف واردن جي مريضن کان سهولتن بابت چاڻ ورتي وئي عدالت سول اسپتال سکر ۾ دوائن ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهرو فيروز ۾ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ۽ صادق فائونڊيشن ڪاهي ممن پاران ميڊيڪل ڪئمپ

سينئر فزيشن ڊاڪٽر سيد نثار علي شاهه، ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ ۽ ٻين پاران دوائون فراهم ڪيون ويون

ڪئمپ ۾ مفت دوائون ڏنيون ان ڪان سواءِ ڊاڪٽر حسن علي شاهه 75 مريضن جا الٽراسائونڊ ڪيا آهن:منتظمين

اسان جي ٽيم بناڪنهن ذات پات رنگ ۽ نسل جي مسلسل برسات متاثر علائقن ۾ ڪم ڪري پيا: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سماجي تنظيم يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ۽ صادق فائونڊيشن ڪاهي ممن پاران ڳوٺ ڪاهي ممن ۾ هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي ويئي جنهن ۾ سينئر فزيشن ڊاڪٽر سيد نثار علي شاهه، ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ، ڊاڪٽر محمد عمران راجپوت 510 مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ۽ مفت دوائون ڏنيون ان ڪان سواءِ ڊاڪٽر حسن علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سجاول ۾ وڪيل برادري پاران بلوچستان ۾ ٿيندڙ افسوسناڪ واقعي خلاف احتجاج

ضلعي بارکها ۾ مري برادري جي معصوم ٻارڙن ۽ سندس ماءُ ڪي مارڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

سجاول بار ايسوسيئيشن ايڊووڪيٽ لياقت جماري، ايڊووڪيٽ آفتاب پنهور پاران مظاهرو ڪيو

وحشي صفت سردار قانون ڪي هٿ ۾ کڻي هڪ مظلوم فيملي ڪي قتل ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ٺٽو/سجاول (نمائندا) سجاول ۾ وڪلا برادري پاران بلوچستان ۾ ٿيندڙ افسوسناڪ واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعرا بازي ڪئي. بلوچستان جي ضلعي بارکها ۾ مري برادري جي معصوم ٻارڙن ۽ سندس ماءُ ڪي جيٺري سازي ۽ بيدردي سان قتل ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي خلاف سجاول بار ايسوسيئيشن پاران ايڊووڪيٽ لياقت جماري، ايڊووڪيٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽو/سجاول: وڪيل برادري پاران بلوچستان ۾ ٿيندڙ واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏوڪري ۾ ڦر دوران ڦورن سان مزاحمت ڪرڻ دوران هڪ واپاري زخمي ٿي پيو، اسپتال منتقل

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ ڦر دوران ڦورن سان مزاحمت ڪرڻ دوران هڪ واپاري زخمي ٿي پيو اسپتال منتقل. ڏوڪري پرسان پير شهيد وٽان ٽي نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿيار بندن ڳوٺ ٻڏو واهڻ واسي لاڙڪاڻي جي مشهور واپاري امجد جتوئي پٽ محمد عالم کان هٿيارن جي زور تي به لک رپيا روڪ ۽ هڪ موبائيل فون ڦر ڪري فرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ دڀڙو ۾ ضلعي بدين جي 20 موبائيلن تي پوليس پاران چڙهائي بعد خوف

پوليس پاران چڙهائي ڪرڻ ڪانپوءِ پوليس جي خوف ڪان ٽئي ڏينهن به دڀڙو ڳوٺ خالي پيل آهي

پوليس ايم پي اي تلهار جي ونگار وهندي اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن: مير نور احمد

اسان جي عورتن ۽ ٻارڙن ڪي پوليس تشدد جو نشانو بڻايو آهي، انصاف ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊو باگو (رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ دڀڙو ۾ ضلعي بدين جي 20 موبائيلن ۽ بڪتربند گاڏين سان ڳوٺ تي چڙهائي ڪرڻ ڪانپوءِ پوليس جي خوف ڪان اڄ ٽئي ڏينهن به دڀڙو ڳوٺ خالي پيل آهي. دڪان پڻ بند رهيا. پوليس جي ڊپ ڪان ماڻهو پنهنجا گهر خالي ڪري رڃڻ ڪري سندن گهرن مان سامان چوري ٿيڻ جو خدشو پڻ آهي رابطو ڪرڻ تي ضلعي بجايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سيوهڻ لنڪ تي روڊ لڳ شاهجهان پارڪ وٽ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جي ماسي فوت

گلزار عرف مشڪي عمراڻي جي فوت ٿيڻ بعد فوتي جي ماسي نظيران صدمي ۾ فوت ٿي وئي

اسان جي فوتي نوجوان جو لاش مٽي ۾ پيل رهيو جنهن ڪي دادو پوليس نه کنيو :وارثن جون ڳالهيون

دادو (ن سنڌيار) سيوهڻ لنڪ تي روڊ لڳ شاهجهان پارڪ دادو وٽ ڪار حادثي ۾ فوت ٿيل گلزار عرف مشڪي عمراڻي جي واقعي ٿيڻ بعد فوتي جي ماسي نظيران صدمي ۾ فوت ٿي وئي گلزار عمراڻي جو ٽنڊو اباڻي ڳوٺ لڪي شاه صدر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ امير بخش جروار جي ڳوٺاڻي محرم علي پاران احتجاجي مظاهرو

14 ايڪڙ زرعي زمين تي لڏو ريباري، بصر، ويرو ۽ چانڊو ريباري قبضو ڪريو ويٺا آهن

ايس ايس پي ۽ سيشن جج ڪان گهر آهي ته منهنجي زمين تان قبضو ختم ڪرائين: ڳالهيون

ٽنڊو باگو (رپورٽر) ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ امير بخش جروار جي ڳوٺاڻي محرم علي جروار ٽنڊو باگو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ٻڌايو ته سندس 14 ايڪڙ زرعي زمين تي لڏو ريباري، بصر، ويرو ۽ چانڊو ريباري قبضو ڪريو ويٺا آهن ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو باگو: ڳوٺاڻو محرم علي ٻاڙن خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

دادو ۾ شهرين جي وڌندڙ مهانگائي ۽ سرڪاري آفيسن ۾ ڪرپشن خلاف احتجاج

شهرين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي

شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو، غريب طبقو موت جي ڪناري تي پهتل آهي:اڳواڻ

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ شهرين جي وڌندڙ مهانگائي ۽ سرڪاري آفيسن ۾ ڪرپشن خلاف شهرين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

محرابپور نيو ٽائون ۾ لينڊ مافيا پاران سرڪاري زمين تي مبينا قبضي جي ڪوشش

ٽائون آفيسر آفتاب ملاح، پوليس عوامي شڪايت تي گهر بلڊر رفيق عامر ڪي گرفتار ڪيو

ٽيڪسيشن آفيسر بشير، زرداري، اقبال گادي، نصير زرداري، مهتاب احمد سميت ٻيا موجود هئا

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامٽيو) محرابپور نيو ٽائون ۾ لينڊ مافيا پاران اربين روپين جي سرڪاري زمين تي مبينا قبضو ڪرڻ جو سلسلو جاري، ايڊمنسٽريٽر سيد امر، ٽائون آفيسر آفتاب ملاح، پوليس عوامي شڪايت تي گهر بلڊر رفيق عامر ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بلوچستان جي بارکان واري علائقي ۾ مري برادري سان پيش آيل واقعي خلاف احتجاج

گڏاپ ۾ بلوچ برادري پاران سخت احتجاجي مظاهرو، ريلي ڊرٽو نعريبازي ڪئي وئي

سرادر وحشياڻو تشدد ڪندي ماءُ سميت ٻن نوجوان پٽن ڪي قتل ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) بلوچستان جي بارکان واري علائقي ۾ مري برادري جي هڪ عورت سميت ٻن نوجوانن جي ناحق بيدردي ۽ سان قتل خلاف قاتل سردار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: گڏاپ ۾ بلوچستان جي سردار عبدالرحمان ڪيتران جي ظلمن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف ٺٽي ۾ احتجاج

سول اسپتال نيشنل پريس ڪلب ٺٽو تائين آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئيشن پاران مظاهرو

اشرف خشڪ، ولي محمد جاکرو، اعجاز مغل، بچل پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) ملڪ ۾ تيزي سان وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مسلسل واڌ خلاف ٺٽي ۾ صحت کاتي جا ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا. سول اسپتال ٺٽي کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽو تائين آل پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گريوا سنڌ پاران مرڪزي سڏ تي هيڊ ڪوارٽرس ۾ پريس ڪلبن اڳيان احتجاج جو اعلان

11 لڳي منجهند کان 4 لڳي شام تائين اڳواڻ مطالبن لاءِ ٽوڪن بک هڙتال ڪندا:اڳواڻ

وزيراعظم طرفان ۽ صحت ڪارڊ متعلق موقف صحافين اڳيان پيش ڪري مطالبا رکيا ويندا

ٽنڊو باگو (رپورٽ:رفاقت جرول) گريوا سنڌ ضلع بدين پاران مرڪزي سڏ تي سڄي ضلع ۾ رٽائرڊ ملازم ضلع جي هر تعلقي هيڊ ڪوارٽرس ۾ پريس ڪلبن اڳيان 26، 27، 28 فيبروري تي 11 لڳي منجهند کان 4 لڳي شام تائين ٽوڪن بک هڙتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو باگو: گريوا سنڌ اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ملازمن سميت غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو: امجد ٽڳر

هر شيءِ ڪي مهانگائي جو جن چنبڙي ويو آهي گهٽ آمدني وارا ملازم سخت پريشان آهن

حڪرانن منعافه خورن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري غريب عوام ڪي رليف فراهم ڪري

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ملڪ ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ملازمن سميت غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اڳواڻ امجد ٽڳر هر شيءِ ڪي مهانگائي جو جن چنبڙي ويو آهي گهٽ آمدني وارا ملازم سخت پريشان آهن آپڪا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بلاول ڀٽو زرداري جي فيصلي تي بدين ۾ پيپلز پارٽي اندر وڏو ڏڦيڙ پيدا ٿي ويو

بلاول ڀٽو جي فيصلي ۽ ڪارڪنن خلاف ٺهندڙ گروپ جي خلاف احتجاج ڪرڻ جو اعلان

پ پ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو بدين ۾ وڏيرن ۽ پارٽي ڪارڪنن جا الڳ الڳ ڏڙا قائم ٿي ريا آهن

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين ضلع جي مڪاني ادارن جي مخصوص سيٽن تي پيپلز پارٽي جي پراڻن ڪارڪنن ڪي نامزد ڪرڻ ۽ بار بار ڏکين وقتن ۾ پارٽي ڇڏي وڃڻ ۽ پارٽي اميدوارن جي سامهون چونڊ وڙهندڙن ڪي مقاتي ادارن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ناروشاهه پرسان سماجي تنظيم پاران برسات متاثر علائقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپ قائم

سوين علائقي واسين بيمار رهواسين ماهر ڊاڪٽرن ڪان علاج ڪرائي دوائون وصول ڪيون

برسات متاثر علائقن ۾ سوين غريب ۽ ٻي پهچ مريضن جو مفت ۾ علاج ڪري دوائون پڻ ڏنيون

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه پرسان سماجي تنظيم پاران برسات متاثر علائقن ۾ غريب عوام لاءِ پنج روزا فري ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي سوين علائقي واسين بيمار رهواسين ماهر ڊاڪٽرن ڪان علاج ڪرائي دوائون وصول ڪيون، سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو غلام حيدر: سنڌي ادبي سنگت شاخ آبادگار شگرملز پاران ''سنڌي ٻولي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

ٻنون پرسان دوست هٿان دوست ڪهاڙيون هڻي بيدردي سان قتل، علائقي ۾ ڇراس

حيدر ملاح گهر ۾ داخل ٿي سُتل پنهنجي جگري دوست نياز پليجو تي ڪهاڙين جا وار ڪيا

جوابدار جي گرفتاري لاءِ ٻنون پوليس جا مختلف هنڌن تي ڇاپا، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

مقتول پاءُ جو گهرو دوست هو، ڪنهن ڳالهه تان ٻنهي وچ ۾ تلخ ڪلامي ٿي: جاويد پليجو

ڏڙو (رپورٽ:شوڪت ميمڻ) ڏڙو ٻنون پرسان دوست هٿان دوست ڪهاڙيون هڻي بيدردي سان قتل. جوابدار حيدر ملاح گهر ۾ داخل ٿي سُتل پنهنجي جگري دوست نياز پليجو تي تيز ڪهاڙي جا وار ڪندي سندس ڌنڌي لاهي بيدردي سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نوشهرو فيروز: ڊي آءِ جي موٽروي پوليس سنڌ جاويد علي مهر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ذهين شاگردن ۽ شاگردياڻين ڪي اسڪالرشپ تحت آمريڪا موڪليو ويندو: ذڪريا سڪندر

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين جي ذهين شاگردن ۽ شاگردياڻين ڪي اسڪالرشپ تحت آمريڪا موڪليو ويندو جتي سندن ٽريننگ مڪمل ٿيڻ بعد ڪين بهترين روزگار مهيا ڪرڻ ۾ پڻ سندن ڀرپور مدد ڪئي ويندي اهڙن خيالن جو اظهار اڳوڻي سينيٽر مرحوم ڊاڪٽر سڪندر علي منڊرو جي فرزند ذڪريا سڪندر منڊرو لاڙ ڪيمپس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روڊ تي سفر ڪرڻ وارن جي هر ممڪن مدد ڪئي وڃي :ڊي آءِ جي جاويد علي مهر

موٽروي پوليس ايمانداري، سٺي اخلاق، بروقت مدد ڪرڻ سبب اعليٰ مقام حاصل ڪيو آهي

موٽروي پوليس جي اهم قدمن سبب حادثن ۾ گهٽتائي ٿي آهي: نمائندن سان ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊي آءِ جي موٽر وي پوليس سنڌ جاويد علي مهر سڄي اين 5 سائوٿ زون جو دورو ڪيو، جنهن ۾ هن سکر، لاڙڪاڻو ۽ سيوهڻ ۾ موٽروي پوليس آفيسرن سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ موٽر وي پوليس جي ڪارڪردگي، نيشنل هاءِ وي آن وي ۽ انڊس هاءِ وي، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي مختلف هنڌن تي روڊن جي مرمت جي صورتحال ڪان آگاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڳوٺ محمد ملوڪ ڏونگهه تي پوليس جي جعلي مقابلي خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج

جڙتو مقابلو ڏيکاري ڳوٺاڻن تي ڪوڙي ايف آءِ آر خلاف ڳوٺاڻن جو ابڙان پوليس خلاف مظاهرو

اسلم سومرو ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ڳوٺ محمد ملوڪ ۾ اچي هڪ اوطاق ۾ فائرنگ ڪئي: الزام

قرآن تي هٿ رکي چئون ٿا ته رڳو ڊرامو آهي ابڙان ايس ايڇ هٽائي اسان ڪي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز (در) ڳوٺ محمد ملوڪ ڏونگهه تي پوليس جي ڪاهه جڙتو مقابلو ڏيکاري ڳوٺاڻن تي ڪوڙي ايف آءِ آر خلاف ڳوٺاڻن جو ابڙان پوليس خلاف سوين ڳوٺاڻن جو ايس ايڇ ابڙان اسلم سومرو خلاف احتجاج ڪندي چيو ته اسلم سومرو اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اهو ڏينهن خالي نه آهي جي گهرن تي چڙهائي نه ڪري اڄ به ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ڳوٺ محمد ملوڪ ۾ اچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهرو فيروز: پوليس جي جعلي مقابلي خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ معمولي گهريلو ڳالهه تان جوابدارن حملو ڪري ٽن عورتن ڪي زخمي ڪري ويا

سکر (رپورٽر) رات دير سان سکر جي مين سبزي منڊي لڳ ڳوٺ عارب شيخ ۾ معمولي گهريلو ڳالهه تان جوابدارن حملو ڪري ٽن عورتن ڪي زخمي ڪري فرار زخمي ڏرجاهه ڇنا گرفتار متاثر ڏرجي عورتن مردن ۽ ٻارڙن پاڪ ڪتاب کڻي جوابدارن جي گرفتاري ۽ گرفتار ٻن ڄڻن جي آزادي لاءِ احتجاج آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان ۾ فوت ٿي ويلن جي وارثن ڪي حڪومت پاران ڏهه لک روپيه في خاندان امداد

ايم پي اي سيد اعجاز علي شاهه بخاري ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر ڀٽي پاران چيڪ تقسيم

حڪومت بنا ڪنهن فرق جي ضلعي جي هن غريب خاندانن جي هر ممڪن مدد ڪري رهي آهي: اعجاز علي شاهه

ضلعي اندر بارشن دوران زخمي ٿيندڙ ماڻهن جي سهائتا لاءِ پڻ حڪومت سنڌ ڪي لکيو آهي:تقريب کي خطاب

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) گذريل بارشن دوران ضلع ٽنڊو محمد خان اندر فوت ٿي ويلن جي وارثن ڪي سنڌ حڪومت پاران ڏهه لک روپيه في خاندان چيڪ ڏنا ويا، تفصيلات موجب پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي سيد اعجاز علي شاهه بخاري ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر ڀٽي پاران ڊي سي ڪامپليڪس جي ڪميٽي هال ۾ ضلعي ٽنڊو محمد خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صدر ۽ کهڙا جي صحافي مٿان ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

گڏاپ پريس ڪلب جي صحافين سياسي سماجي اڳواڻن پاران سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي

سينئر صحافي اشفاق لاشاري جي زمين تي بااثر پاران پوليس جي مدد سان قبضي جي مذمت

زمينن مٿان قبضا ختم ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو:اڳواڻن جون ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صدر ۽ کهڙا جي سينئر صحافي مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ملندڙ موتمار ڌمڪين خلاف گڏاپ پريس ڪلب جي صحافين سياسي سماجي اڳواڻن پاران سخت لفظن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي: صحافي مٿان ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي ٻي پاسي صحافي جو فائيل فوٽو

سکر: پنوعاقل جي ڳوٺ سالحاڻي جي رهواسي پاران احتجاج

سکر: پنوعاقل جي ڳوٺ سالحاڻي جي رهواسڻ مسمات صابرا بروهي ۽ نعمان احمد قاضي سان پسند جي شادي واري معاملي تان ناري جي مائٽن نوجوان نعمان قاضي جي گهر مٿان حملو ڪري فائرنگ ڪرڻ بعد گهر ڊاهي سونازيور ۽ ٻيو سامان کڻي ويا ان ڏس ۾ نعمان قاضي گهر واري صابرا بروهي سان گڏ سکر ۾ احتجاج ڪندي ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پاران خانڳڙهه تعلقي جي مختلف اسڪولن ۾ متاثرين لاءِ مهم

مختلف اسڪولن ۾ وچي ترڪي ۽ شام ملڪن جي زلزلي متاثرين لاءِ امداد گڏ ڪئي

پرائمري اسڪول پڙ شريف، اوسي خانپورمهر، چڪ اسلام آباد، شاهپورمهر، خدا بخش جو دورو

سردار ڳڙهه ۽ ٻين اسڪولن ۾ وچي ترڪي ۽ شام ملڪن ۾ آيل زلزلي متاثرين لاءِ امداد گڏ ڪرائي

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پاران خانڳڙهه تعلقي جي مختلف اسڪولن ۾ وچي ترڪي ۽ شام ملڪن جي زلزلي متاثرين لاءِ امداد گڏ ڪرائي. ٽي اي او ايجوڪيشن پرائمري الهڏايو منگي جو چوڻ هو ته اسڪولن مان گڏ ڪيل امدادي رقم شام ۽ ترڪي ملڪن جي زلزلي متاثرين ڏانهن اماڻي ويندي، خبر موجب، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

آپڪا هيلٿ ونگ ضلع سجاول پاران مهانگائي جي خلاف احتجاجي مظاهرو

غلام حسين دايو، حاجي خميسو خواجه، دائود امرميمڻ، نورمحمد پاران ريلي ڪڍي وئي

وڌندڙ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سرڪاري ملازمن جا ٻچا به ڦاڪاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن:مظاهرين

سجاول (رپورٽ:ممتاز علي ٿهڙيو) آپڪا هيلٿ ونگ ضلع سجاول پاران مهانگائي جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، سجاول ۾ آپڪا مرڪزي ۽ صوبائي قيادت جي سڏ تي آپڪا هيلٿ ونگ ضلع سجاول پاران غلام حسين دايو، حاجي خميسو خواجه، دائود امرميمڻ، نورمحمد ميمڻ، حيات ٿهيم سڪندرميمڻ، فاضل سومرو، عيسيٰ ميمڻ، رفيق ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سجاول: آپڪا هيلٿ ونگ ضلع پاران مهانگائي جي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ آپڪا جي سڏ تي مهانگائي ۽ آئي ايم ايف جي پاليسين خلاف احتجاجي ريلي

سکر: آل پاڪستان ڪلارڪ ايسو سي ايشن سنڌ (آپڪا) سنڌ جي سڏ تي آپڪا ضلعي سکر پاران مهانگائي ۽ آئي ايم ايف جي پاليسين خلاف ڊي ايڇ او ايجوڪيشن آفيس کان ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب ٻاهران مظاهرو ڪيو مظاهرين جي هٿن ۾ بينرهٿا جن مٿان آءِ ايم ايف پاليسين خلاف ۽ مهانگائي گهٽايو جا نعرا لکيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سنڌي ادبي سنگت شاخ آبادگار شگرملز پاران "سنڌي ٻولي ڪانفرنس منعقد

هزارين سالن جي تهذيب، ڪلچر، جعغرافي، رهڻي ڪهڻي جو تاريخي پسمنظر آهي

ٻولي ڪي قومي ٻولي جو درجو نه ڏيڻ هڪ وڏي زيادتي ۽ تاريخي ناانصافي آهي: اعظم ڀٽي

ٻولي ڪي قومي ٻولي جي حيثيت ڏئي، انهن ڪي سرڪاري ۽ دفتري طور رائج ڪيو وڃي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ آبادگار شگرملز پاران "سنڌي ٻولي ڪانفرنس" سنڌي ٻولي هزارين سالن جي تاريخ تي مبني آهي، جنهن وٽ پنهنجي ڌرتي، هزارين سالن جي تهذيب، ڪلچر، جعغرافي، رهڻي ڪهڻي جو تاريخي پسمنظر آهي، ان جي باوجود به سنڌي ٻولي ڪي قومي ٻولي جو درجو نه ڏيڻ هڪ وڏي زيادتي ۽ تاريخي ناانصافي آهي، اهڙن خيالن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 23 فيبروري 2023ع

ملڪ جي آئين کي مذاق نہ بڻايو

اليڪشن ڪميشن اهو چيو آهي تہ هو مجاز اٿارٽي پاران تاريخ ڏيڻ بعد چونڊون ڪرائڻ لاءِ پابند آهي پر ان سلسلي ۾ وڌيڪ آئيني ماهرن سان مشاورت ڪرڻ بعد چونڊن جو شيڊول جاري ڪندي. جيتوڻيڪ اليڪشن ڪميشن جو اهو بيان مبهم آهي تہ ڇا سوال پيدا ڪري رهيو آهي تہ ڇا اليڪشن آئيني ماهرن سان مشاورت ڪرڻ بعد ئي ڪنهن نتيجي تي پهچندي تہ ڪيس وقت تي چونڊون ڪرائڻ کان ڪو عذر يا بهانو ڳولهي رهي آهي؟ ڇاڪاڻ تہ صدر مملڪت جناب عارف علوي پاران پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ صوبن ۾ صوبائي اليڪشن لاءِ 9 اپريل جي تاريخ ڏني آهي. ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن جو اجلاس طلب ڪيو ويو هو [illegible] پي ٽي آءِ جي چيئرمين عمران خان پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ پنهنجون 2 حڪومتون ختم ڪيون جنهن بعد اهو امڪان ظاهر ڪيو پئي ويو تہ ٻنهي صوبن ۾ [illegible] آهي جيڪا اڳ ۾ ئي چئي رهي آهي تہ هن وقت سنگين معاشي بحران آهي ان صورتحال ۾ ملڪ چونڊن جو بار نٿو کڻي سگهي. وفاقي حڪومت پاران اليڪشن ڪميشن جي چونڊون ڪرائڻ لاءِ گهربل فنڊز ڏيڻ کان بہ لنوائي رهي آهي جنهن جو مثال تازو ئي اليڪشن ڪميشن پاران اماڻيل خط جو جواب آهي جنهن ۾ وفاقي حڪومت واضح چئي ڇڏيو آهي تہ اها اليڪشن ڪميشن کي واڌو فنڊز نٿي ڏئي سگهي انڪري اليڪشن ڪميشن فنڊز جي رقم ۾ ڪٽوتي ڪري. ان کان اڳ پاڪ فوج پاران پڻ ڄاڻايو ويو آهي تہ ملڪ جي سرحدن تي ڪشيدگي واري صورتحال ۽ ملڪ اندر دهشتگردي جي وڌندڙ ڪارروائين سبب سيڪيورٽي فورسز انهن کي منهن ڏيڻ ۾ مصروف آهي انڪري پاڪ فوج ۽ رينجرز جا جوان توڙي ايف سي جون خدمتون ضمني توڙي عام چونڊن لاءِ دستياب نہ هونديون جڏهن تہ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پاران بہ هڪ پڌرائي جاري ڪندي چيو ويو آهي تہ سنڌس ڪوبہ جج يا ٻيو عملو چونڊن ۾ ڊيوٽي لاءِ نہ ڏنو ويندو اهڙي صورتحال ۾ ڇا پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ صوبائي چونڊون پنهنجي مقرر وقت تي ٿي سگهن ٿيون ممڪن نظر نٿو اچي.

پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ جيڪڏهن آئين تحت 90 ڏينهن اندر چونڊون نٿيون ٿين تہ پوءِ ان جو ذميوار ڪير هوندو؟ اليڪشن ڪميشن توڙي ٻنهي صوبن جي گورنرن جي اها ذميواري آهي تہ اهي پنهنجون آئيني ذميواريون پوريون ڪن ۽ هر صورت ۾ ٻنهي صوبن اندر وقت تي چونڊون ڪرائين ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن چونڊون نہ ڪرايون ويون تہ پوءِ اها آئين جي سخت ڀڃڪڙي هوندي انڪري آئين کي مذاق بڻائڻ بدران ان تي عمل ڪيو وڃي

رياست، آئين ۽ اقتداري مفاد

ممتاز منگي

ڇا هتان جي اشرافيا سياسي پارٽين کي اهو سمجهہ ۾ نہ اچي تہ رياست جو مفاد ۽ بقا جو بنياد ڪهڙن اصولن تي بيٺل آهي. يقينن هن ملڪ جي اشرافيا کي سيني کان وڌيڪ يعني ميڊيا، عام عوام ۽ انٽيليڪچيول انهن سيني پرتن کان رياستي ۽ سياسي معاملن ۾ هو وڌيڪ باخبر ۽ ڄاڻو آهن.

پر هن طبقي جو خاص ڪري هن ملڪ جي اندر اهوئي الميو رهيو آهي تہ هو پنهنجي گروهي ۽ اقتداري مفاد کي رياست ۽ آئين جي مفاد کان وڌيڪ اهم سمجهندا رهيا آهن. توڙي جو کين اها نيڪ خبر آهي تہ رياست جو سڀ کان وڌيڪ بقا جو بنياد ان جو آئين آهي. توڙي جو آئين ڪڏهن بہ هڪ نقطي ۽ هڪ اصول تي بيٺل ناهي هوندو، انهيءَ ۾ وقت ۽ حالتن جي تحت تبديلي ايندي رهي آهي ۽ ايندي رهندي، پر هو جنهن بہ شڪل ۾ ۽ صورت ۾ موجود هجي ٿو ۽ اڪثريتي رياست جا تمام پرت انهيءَ تي متفق ٿين ٿا. تڏهن اهو مجموعي طور تي رياست جي بقا جو ضامن بڻجي ٿو وڃي.

پلي اهو طبقاتي مفادن جو محافظ هجي پر رياست جي بقا ۾ آئين جي جوڙجڪ هر وقت ان اصول جي بنيادن تي رکي ويندي آهي تہ ڪو بہ اهڙو قانون نہ ٺاهيون وڃي، جيڪو رياست کي ڪمزور ڪري تمام سياسي پارٽيون جڏهن رياست جي آئين کي مقدس سمجهي ۽ پنهنجي مفادن کي انهيءَ کان ٻئي درجي تي رکي ڪم ڪنديون آهن. تڏهن نہ رڳو آئين مضبوط ٿيندو آهي انهيءَ سان گڏوگڏ رياست مضبوط ٿيندي آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو رياست ڪنهن هڪ فرد ۽ گروهہ جي مفاد کان وڌيڪ مجموعي طور تي عوامي مفادن کي مستحڪم ڪندي پنهنجي بقا برقرار رکي ٿي.

پر جڏهن اقتداري مفادپرستي رياست جي قانون کان وڌيڪ پنهنجي حاصلات لاءِ سوچي ٿي وڃي تڏهن قانون جي ڪمزوري يا قانون کي ڪمزور ڪرڻ جي شروعات ٿيندي آهي ۽ جيئن جيئن قانون آئين ڪمزور ٿيندو ويندو آهي تيئن تيئن رياست پنهنجي جوڙجڪ ۾ ڪمزور ٿيڻ شروع ٿيندي آهي.

اشرافيا طبقو تہ پوري دنيا جي اندر وجود رکي ٿو پر ترقي يافتہ ملڪن جي اندر اتان جي اشرافيا پنهنجي اقتداري مفادن جي حاصلات ۾ جڏهن شديد ٽڪرائن مان گذرندي محسوس ڪيو تہ هاڻي پنهنجي مفادن کي ثانوي رکندي ملڪ جي آئين ۽ قانون جي جيستائين پاسداري نہ ڪنداسين تہ ملڪ جو يعني رياست جو رهڻ مشڪل ٿي ويندو ۽ نہ رڳو رياست جو رهڻ مشڪل ٿي ويندو پر انهيءَ سان گڏوگڏ ان رياست ۾ رهندڙ سماج بري طرح سان انارڪي جي ور چڙهندي اهڙي بحران ۾ داخل ٿي ويندو، جتي ترقي جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي پر زندگي جي بقا جي اهميت بہ نہ رهندي ۽ سماج بد کان بد تر خانہ جنگي جو شڪار ٿي ويندو. هنن پنهنجي جي تاريخ مان اهو سبق سکيو ۽ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪيو.

پر هن ملڪ جي تاريخ اهڙي عجيب ۽ غريب آهي جو هن ملڪ جي مجموعي اشرافيا پنهنجي تاريخ مان سبق حاصل ڪرڻ يا سکڻ جي بجاءِ تاريخ کي سبق سيکارڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي. تنهن ڪري هنن جي اها حڪمتِ عملي رهي آهي تہ شخصي ۽ گروهي مفاد ملڪي آئين ۽ رياست جي مفادن کان وڌيڪ سمجهيا ويا آهن ۽ سمجهيا وڃن ٿا.

کين اها خبر آهي تہ هن ملڪ جي 75 سالا تاريخ يعني مني صدي جديد دنيا جي اندر تمام وڏي اهميت رکي ٿي، جيڪڏهن گروهي مفادن کان وڌيڪ رياستي مفادن کي ڏٺو وڃي ها تہ هي ملڪ 1971 ع جي سانحن مان نہ گذري ها ۽ نہ وري هن ملڪ جي اندر وقتن بہ وقتن آمريتون بيخوف ۽ بيڌڙڪ انداز سان حڪومت ڪن ها ۽ نہ آئين ۽ قانون کي مروڙيندڙ هتي معتبر بڻجي پنهنجو پاڻ کي سورمو بڻائن ها، يا کين سورمي بڻائڻ جي ڪو بہ گروهہ ڪوشش ڪري ها.

هن ملڪ جي تاريخ جي الميَن کي جيڪڏهن رڳو ٽپس تي دهرايو تہ ان جي طوالت ئي ايتري ٿي ويندي، جو پڙهندي پڙهندي ڪوفت ۽ بيزاري ٿيندي، پر هي هن ملڪ جي تاريخ جو الميو ئي آهي تہ ڪنهن آمر جي مري وڃڻ کان پوءِ سينيٽ ۾ دعاءِ مغفرت جي هڪ طرف مخالفت ٿئي ٿي تہ ٻئي طرف حمايت ڪئي وڃي ۽ پوءِ باربار اهي دليل ڏنا وڃن تہ هاڻي مري ويل خدا جي حضور ۾ هوندو ۽ اتي پنهنجو حساب ڪتاب ڏيندو. يعني هن دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ ڪيو انهيءَ کي نظرانداز ڪيو ۽ معاملو خيرسير ٿي وڃي. اهو ڪو اتفاق ناهي پر اهو تسلسل سان هن ملڪ جي اشرافيا جو ڪردار رهيو آهي تہ هو پنهنجي مفادن کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ شيءِ ڪي ناهي سمجهندو.

هاڻي جڏهن اسان کي موجوده سياسي بحران نظر ٿو اچي تہ انهيءَ ۾ بہ وڌ کان وڌ اهائي ڪوشش ٿي ڪئي وڃي تہ آئين کان وڌيڪ سياسي مفاد ڪنهن جا ۽ ڪيترا اهم ۽ اهميت رکن ٿا. اهوئي سبب آهي جو گروهي مفادن جي سياست هن رياست کي پنهنجي پوري ڍانچي يعني ان جي ادارن کي ورهائي ڇڏيو آهي. رياست جي ادارن جي اندر اداري کان وڌيڪ فردن جو ڪردار نظر ٿو اچي. هڪڙا فرد هڪ سياسي سياسي جماعت جا حمايتي آهن تہ ٻيا ٻئي سياسي جماعت کي بهتر ٿا سمجهن. کلي عام سياسي جماعتن جا اڳواڻ ميڊيا تي اهو بحث بيخوفي سان ڪري رهيا آهن تہ فلاڻي اداري جي اندر فلاڻي پارٽي جا سپورٽر ويٺا آهن. مثال عمران خان اقتدار جي هٽڻ وقت جيڪي رنگ ۽ ڍنگ اختيار ڪيا جيڪو آئين جو ليلي جو لنبو ڪيو اهو تہ اسان جي اڳيان آهي ئي آهي پر هن وقت تائين انهيءَ جي ان ڪردار ۾ ڪابہ ڪمي ناهي آئي ۽ کلي عام هي چئي رهيو آهي تہ رياست جا طاقتور ادارا هن جي سياسي بعيت تي وڏي اچن. ساڳي طرح اتحادي يعني پي ڊي ايم ۾ تمام جماعتن جو ڪردار اسان جي اڳيان موجود آهي ۽ هو کلي طريقي سان اهي الزام لڳائي رهيا آهن، خاص ڪري هن وقت عدالتن تي جيڪا تنقيد ٿي رهي آهي ۽ کلي عام مريم نواز ن ليگ جي چيف آرگنائيزر اهوئي ٿي چئي تہ "عدالتن ۾ رٽائرڊ جنرل فيض جا چيلا موجود آهن ۽ جيڪي عمران خان کي سهولت ڏين ٿا پهريان عمران خان باجوه جي ڪلهن تي چڙهي آيو پر هاڻي عدالتن جو سهارو وٺي هو اقتدار حاصل ڪرڻ چاهي ٿو" ڪنهن بہ اعليٰ عدالت ان الزام جو نوٽيس ناهي ورتو. جو ڪيس گهرايو وڃي ۽ چيو وڃي تہ هو اهڙا الزام ڇو هڻي رهي آهي ثابت ڪري يا توهين عدالت کي ڀوڳي. جڏهن ڪجهہ نٿو ڪيو وڃي تہ هي بہ عوام سمجهڻ ۾ عوام حق بجانب آهي تہ لڳندڙ الزام ايترا بي بنياد ناهن.

ساڳي طرح عمران خان موجوده اسٽيبلشمينٽ جي مٿان هي الزام لڳائي رهيو آهي تہ "هاڻي بہ باجوه جي باقيات موجود آهي ۽ ان جي پاليسي تي عمل ٿي رهيو آهي" جنهن جو مطلب صاف ظاهر آهي تہ عمران خان جيڪي الزام هاڻي رٽائرڊ جنرل باجوه تي لڳائي پيو، اهي ئي الزام موجوده سيٽ اپ تي بہ آهن. چوڻ جو مطلب ۽ بحث ڪرڻ جو مطلب اهوئي آهي تہ هن ملڪ جي تمام اشرافيا سياسي ڌارا پنهنجن مفادن ۽ اقتدار کي ملڪ جي آئين ۽ رياست کان مٿاهون سمجهن ٿا. ظاهر آهي تہ جڏهن مفاداتي گروهہ بندي ۽ لابنگ ٿيندي تہ انهيءَ ۾ ادارا ورهائجي ويندا ۽ رياست کي اها ورچ اڌوهي وانگر ڪمزور ڪندي ويندي ۽ مضبوط ڪردار رياست ادا نٿي ڪري سگهي. هاڻي سوال هي آهي تہ ڇا هن ملڪ جي اندر انهيءَ ڪمزوري ۽ برائي کي ختم ڪرڻ لاءِ تمام ڌريون يعني سياسي جماعتون اعليٰ عدليہ ۽ اسٽيبلشمينٽ کي هڪڙي ٽيبل تي ويهڻو پوندو. ڇا اهو ممڪن آهي؟ تہ گروهي مفاد گفتگو ۽ دليلن سان ختم ڪيا وڃن. گفتگو ۽ دليلن ۾ مفادن جي ونڊ ورڇ ڪئي ويندي آهي. انهن جو خاتمو ممڪن ناهي. ملڪ جي آئيني بقا ۽ رياست جي بقا لاءِ صرف ۽ صرف سياسي جدوجهد جي ضرورت هوندي آهي. هن وقت ان جي وڌيڪ ضرورت آهي تہ هڪ اهڙو سياسي اتحاد جوڙيو وڃي. جيڪو اقتداري مفاد کان وڌيڪ آئيني ۽ رياستي مفادن کي اهميت ڏي. اهو واحد رستو آهي ان کان علاوه ٻيو ڪو بہ رستو نڪري نٿو سگهي. هن وقت هن بحران ۾ ملڪ جو صدر جيڪو ڪردار ادا ڪري پيو ان ۾ آئين کان وڌيڪ هن جي سياسي وفاداري ظاهر پئي ٿئي ۽ ساڳي طرح ڪي پي جو گورنر يا پنجاب جو گورنر پنهنجي عهدي جو آئيني فرض ادا ڪرڻ جي بجاءِ پارٽي لائن کي ۽ سياست کي اڳتي پيا وڌائن. هي دور رڳو سياسي بحران جو دور ناهي ۽ نہ رڳو هن دور کي معاشي ڏيوالپڻي جو دور چئي ٿو سگهجي. پر هي دور مجموعي طور تي سياسي پارٽين جي ڪردار جو هڪ کليو آئينو آهي. جنهن ۾ هن ملڪ جي تاريخ معاشي ڏيوالپڻي کان وڌيڪ پنهنجي سياسي زوالپڻي جو ڏيک پئي ڏئي ۽ هن دور کي پاڻ جيڪڏهن سياسي تاريخ جو شرمناڪ دور چئون تہ غلط نہ ٿيندو. پر هي اسان کي ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ شرمناڪين جا دور جيڪڏهن نہ سڌاريا ويا تہ انهيءَ گناهہ جي سزا پوري رياست کي ڀوڳڻي پوندي ۽ جيڪي اينڊيڪيٽر هن وقت تمڪن پيا انهن جي تمڪڻ کان پوءِ بحران آفتن جي صورت ۾ ايندا. پلي هن ملڪ جي اشرافيا کي ان جي پرواهہ نہ هجي پر هن ملڪ جو عوام انهن آفتن کي ڀوڳيندو. هن وقت ڪا پارٽي يا ليڊر ريڊ لائن ناهي پر خود رياست جو آئين ريڊ لائن آهي.

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجهہ فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جي، ڪُڙهِ اندر ڪاني؛
حرفُ حقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.

پختون خواهہ کي تباهي کان بچايو

سليم سافي

خيبرپختونخواهہ جو نگران وڏو وزير اعظم خان هڪ وڏي خاندان سان تعلق رکندڙ اڳوڻو بيوروڪريٽ آهي. انهن جي سٺي شهرت آهي. پر الميو اهو آهي تہ هڪ تمام وڏو آهي ۽ ٻيو هاڻي تمام ڪمزور آهي. هو 2018 ع جي چونڊن لاءِ نگران حڪومت ۾ وفاقي گهرو وزير هو. جنهن کي عمران خان کانسواءِ سمورين سياسي پارٽين اتفاق راءِ سان چونڊون قرار ڏئي رهيون آهن. چونڊيندڙن بہ سنڌس شرافت مان فائدو ورتو هو آرام سان هڪ ڪنڊ ۾ ويلو هو. جڏهن تہ آر ٽي ايس ناڪام ٿي ويو پولنگ ايجنٽن کي پولنگ اسٽيشنن مان ڪڍيو پيو وڃي پر هو ڪجهہ ڪري رهيا آهن ۽ شايد ڪجهہ نہ ڪري سگهيا. جي يو آءِ جڏهن پختون خواهہ جي نگران وڏي وزير لاءِ سنڌس نالو تجويز ڪيو تہ ان نامزدگي تي حيران ٿي ويس ڇاڪاڻ تہ اصولي طور تي 2018 ع جي نگران حڪومت مان هر ڪنهن کي هاڻي نگران حڪومت کان ٻاهر رکڻ گهرجي ها. 2018 ع جي چونڊ ۾ سنڌس حد کان وڌيڪ باوقار ڪردار جي ڪري "ڪنهن" پرويز خٽڪ جو فرض عائد ڪيو تہ هو محمود خان وغيره کي اعظم خان جي معاملي تي قائل ڪري ۽ هن اهو معجزو ڪري ڏيکاريو سڄي ملڪ ۾ واهہ واهہ واهہ واهہ واهہ. پنجاب جي برعڪس پختون خواهہ ۾ نگران وڏي وزير جي چونڊ اتفاق راءِ سان ٿي. پر هاڻي خبر پئي تہ مولانا صاحب ڪهڙي راند کيڏي آهي. اصل ۾ هو عثمان بوزدار کي صوبي ۾ نگران وڏو وزير بڻائڻ چاهي ٿو ڇاڪاڻ تہ هو بشرا بي بي ۽ فرح گوگي وانگر صوبي کي هلائڻ لاءِ پنهنجي سمڌي غلام علي کي گورنر مقرر ڪري چڪو هو هن جو پلان هو تہ اوور شريف اعظم خان آرام سان ويهندو ۽ هوشيار غلام علي صوبو هلائيندو تنهن ڪري، پهرين موقعي تي، اعظم خان کي هڪ اهڙي ڪابينا ڏني وئي جيڪا پنجاهہ سيڪڙو جي يو آءِ جي سائين يا اي ٽي ايمز تي مشتمل هجي. ڪوٽڙي ۾ بہ مسلم ليگ (ن)، بہ اي اين پي (بن مان هڪ ANP اصل ۾ غلام علي گروپ جي نوڪر آهي) ۽ بہ پيپلز پارٽيءَ جا وزير ڏنا ويا. هڪ اهڙو وزير بہ بڻايو ويو جنهن کي سرڪاري ملازم رکيو ويو ۽ هاڻ انهن وٽ آهي برطرف ٿيڻ. بي شرمي جي انتها ڏسو تہ اسلام آباد مان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ نيئر بخاري جي پٽ جرار حسين بخاري کي پختونخواهہ ۾ صلاحڪار مقرر ڪيو ويو آهي. نگران وڏو وزير ان سموري صورتحال تي يا تہ خاموش رهيو يا ڪيس اعتماد ۾ نہ ورتو ويو. گورنر، جنهن جو انتظامي معاملن سان ڪو بہ واسطو نہ هو اچي ڪابينا جي پهرين اجلاس جي صدارت ڪرڻ لاءِ ويٺو ان اجلاس ۾ سنڌس پٽ جيڪو پشاور جو ميئر آهي، پڻ ويٺو هو. جڏهن وڏي وزير کان وزير جي مقرري بابت سوال ڪيو ويو تہ هن لاعلمي جو اظهار ڪيو ٻئي طرف صوبي ۾ اوچتو ڪرپشن جي بازار ايتري گرم ٿي وئي آهي جو ماڻهن کي پي ٽي آءِ جو دور ياد اچڻ لڳو آهي. سيڪريٽريءَ کان وٺي چوڪيدار تائين غلام علي پنهنجا نوڪر پرڻ چاهي ٿو تہ ٻئي طرف اتحادي پارٽيون پنهنجو حصو گهرن ٿيون. وڏو وزير حيران آهي تہ ڇا ڪجي. مولانا ۽ غلام علي چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي کي بہ پنهنجو ڪرڻ چاهيو پر وزيراعظم شهباز شريف پنهنجا اختيار استعمال ڪري ان هڪ ڪم ۾ شامل ڪيو جنهن تي مولانا خوش ناهي ۽ هن نون ليگ تي دباءُ وڌائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف نگران وڏو وزير غلام علي جي اهڙي رويي کان پريشان ۽ پريشان آهي. ڪالهہ هڪ ٽوئيٽ ۾ هن مطالبو ڪيو تہ هو پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي عزت بچائڻ لاءِ وڏي وزير جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي. شام جو هڪ دوست بيوروڪريٽ ڪاظم نياز جي پٽ جي شادي ۾ شرڪت لاءِ پشاور وڃڻو هو اي اين پي جو صوبائي صدر امل ولي خان، جيڪو ڪاظم نياز صاحب جو ويجهو مائٽ هجڻ ڪري ميزبان بہ هو مون کي وڏي وزير ۽ گورنر جي وچ ۾ ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ بدتميزي ڪئي. اڳوڻو وڏو وزير محمود خان بہ سامهون ويلو هو مون محسوس ڪيو تہ وڏي وزير ۽ گورنر جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ بند ٿي وئي آهي ڇاڪاڻ تہ انهن اڌائي ڪلاڪ جي ملاقات دوران هڪ ٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي. تون استعيفيٰ ڇو نٿو ڏئين ۽ هن گندگي مان ٻاهر نڪري وڃين. تڏهن هن صاحب چيو تہ سليم! اسان ان بابت بعد ۾ ڳالهائينداسين اتي موجود آفيسرن کي معلوم ٿيو تہ غلام علي سمورن ڊويزنن ۽ ضلعن ۾ پنهنجا ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر لڳائڻ چاهي ٿو ۽ چيف سيڪريٽري سنڌس لسٽ قبول نہ ڪئي، ان ڪري هو ڪانئس ناراض آهن اهڙي طرح هنن هر ضلعي ۾ پنهنجي پسند جا ايس پي لڳائڻ چاهيا ۽ گورنر جي مرضي موجب آءِ جي مقرري نہ ڪرڻ سبب هاڻي غلام علي بہ آءِ جي جي مرضي جو شڪار ٿي رهيو آهي. مون کي حيرت آهي تہ دهشتگرديءَ جي فرنٽ لائين صوبي ۾ جيڪڏهن سنڌ جي وڏيرن جا لاڳاپا اهڙي طرح آهن تہ پوءِ هن صوبي جو ڇا ٿيندو؟. صوبي کي سڀ کان وڏو چئلينج طالبان جو آهي پر ان حوالي سان غلام علي ۽ جي يو آءِ مڪمل خاموش آهن ٽي ٽي پي جي امير مفتي نور ولي سوالنامو علمن ڏانهن موڪليو جنهن جو خطاب ڪندڙ سڀ کان وڏي جماعت علماءِ اسلام جو سربراهہ مولانا فضل الرحمان آهي، پر اڃ تائين هن ان معاملي تي نہ پنهنجو وات کوليو آهي ۽ نہ وري غلام علي. اسلام آباد ۾ مذهبي معاملن واري وزير ۽ مولانا جي پٽ اسد محمود ان حوالي سان اسلام آباد ۾ سڏايل اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪئي ۽ مفتي تقي عثماني صاحب کي سامهون رکيو. اهي طالبان جي نہ کليل حمايت ڪري رهيا آهن ۽ نہ ئي کليل مخالفت ڪري رهيا آهن. انهن کي صرف پنهنجن ماڻهن کي اهم عهدن تي مقرر ڪرڻ ۽ ايندڙ چونڊن لاءِ انجنيئرنگ ڪرڻ ۾ دلچسپي آهي. ٻئي طرف شهباز شريف کي رڳو پنجاب ۽ زرداري کي رڳو سنڌ سان دلچسپي آهي. خبر ناهي پختونخواهہ جي عوام اهڙو ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي جو اهڙين حڪومتن جي صورت ۾ مٿن هڪ نہ هڪ عذاب مسلط ڪيو وڃي ٿو

سنڌيار جو هن مضمون جي مواد سان متفق ٿيڻ ضروري نہ آهي.

بقايا *** 01

چيما، اعظم سواتي ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ شامل آهن. ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي تہ اسان گرفتار ناهي ڪيو. هي پاڻ ئي پريزن وين تي اچي ويهي رهيا آهن. جڏهن تہ اسان کي حڪومت طرفان گرفتاري جو ڪو بہ حڪم ناهي مليو پوليس. اهلڪارن سميت سيني جي داخلا سي سي پي او آفيس ۾ روڪي ڇڏي جنهن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ ڪارڪن سي سي پي او آفيس آڏو روڊ تي ليٽي پيا. پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پوليس کان گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ڪارڪن وين تي چڙهي سيلفيون ناهيندا رهيا. پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا اڪائونٽ تان بہ گرفتاري ڏيڻ وارن اڳواڻن جون سيلفيون جاري ڪيون ويون آهن بعد ۾ ڪيئي ڪارڪن پوليس وين تان لهي ويا ۽ سي سي پي او آفيس کان واپس چيئرنگ ڪراس طرف روانو ٿي ويا. ٻئي پاسي پوليس ذريعن موجب پوليس تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتاري جي تياري ڪري ورتي آهي ۽ ڪين 3 ايم پي او تحت گرفتار ڪيو ويندو. ذريعن موجب گرفتار ماڻهن کي ميانوالي، اٽڪ ۽ ڊيرا غازي خان جي جيلن ۾ موڪليو ويندو پي ٽي آءِ اڳواڻ پوليس موبائيل جو شيشو ٽوڙڻ تي گرفتارپي ٽي آءِ جي اڳواڻ ميان عابد احتجاج دوران پوليس وين تي چڙهي ويو ۽ موبائيل تي لتون هنيون جنهن سبب موبائيل وين جو شيشو ٽٽي پيو واقعي بعد اڳواڻ ميان عابد ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس پيڇو ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو

بقايا *** 02

خلاف درخواستن بابت ٻڌڻي ٿي. مقتول نقيب الله جي پيءُ عالم شير طرفان 3 مختلف درخواستون داخل ڪيون ويون آهن. جن ۾ دهشتگردي ٽوڙ عدالت ثبوتن کي نظرانداز ڪندي جوابدار کي بري ڪري ڇڏيو نقيب الله جي پيءُ عالم شير چيو تہ دهشتگردي ٽوڙ عدالت جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڪيس جي ٻيهر ٻڌڻي ڪئي وڃي. عدالت اڳوڻي ايس ايس پي ملير رائو انوار ۽ ٻين جي بريت خلاف درخواستون ٻڌڻي لاءِ منظور ڪندي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کي نوٽيس جاري ڪري 4 هفتن ۾ جواب طلب ڪري ورتو واضح رهي تہ دهشتگردي جي ٽوڙ عدالت نقيب الله قتل ڪيس جو فيصلو 23 جنوري 2023 تي ٻڌايو هو عدالت رائو انوار سميت 18 جوابدارن کي ثبوت نہ هجڻ سبب بري ڪري ڇڏيو هو.

بقايا *** 03

جي نتيجي ۾ مهانگائي وڌيڪ وڌندي، عام ماڻهو ملڪ ۽ قوم لاءِ هميشہ قرباني ڏني آهي، زلزلو هجي يا ٻوڏ قدرتي آفتن ۾ سدائين غريب ماڻهو تي بوجهہ پيو آهي. پوري ڪوشش ڪنداسين تہ پاڪستان کي ڏکيائن مان ڪڍيون. ملڪ کي غربت مان ڇوٽڪارو ڏيارڻو آهي تہ اجتمائي ڪوششون ڪرڻيون پونديون. وزيراعظم جو چوڻ هو تہ اسان کي ماضيءَ مان سبق سکي اڳتي وڌڻو پوندو، سرنديءَ وارا ملڪ جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن چيو تہ آءِ ايم ايف معاهدي جي نتيجي ۾ عام ماڻهو تي بار پيو تہ اهو سوال اٿاريندو تہ حڪومت ڇا ڪيو؟ اشرافيا جو ٻار بيمار ٿيندو تہ اهو فرانس ۾ علاج ڪرائي سگهي ٿو غريب جي گهر بيماري ايندي تہ سڄي خاندان جو ننڊون حرام ٿي وينديون تہ علاج ڪيئن ٿيندو. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ 25 سيڪڙو واڌ ڪري رهيا آهيون. وزيراعظم اعلان ڪيو تہ سمورن وفاقي وزيرن صلاحڪارن ۽ مملڪتي وزيرن رضاڪاراڻي طور پگهارن ۽ مراعاتون نہ وٺندا. خاص مددگارن بہ رضاڪاراڻي طور پگهارن ۽ مراعاتون نہ وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا *** 04

رهيو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن چيو تہ انتشار خان پنهنجي معمولي سياسي مقصدن لاءِ ملڪ ۾ غير يقيني واري صورتحال برقرار رکڻ چاهي ٿو. عمران خان جا پنهنجا ٻار لنڊن ۾ سير سپاٽا ڪري رهيا آهن. قوم جي ٻارن کي ملڪ جون حالتون خراب ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. عمران خان ادارن کي بليڪ ميلنگ جا حربا استعمال ڪري رهيو آهي. لانگ مارچ، ڌرڻن سميت ان جون سموريون سازشون ناڪام ٿي چڪيون آهن. پي ٽي آئي جيل ڀريو تحريڪ جو بہ شوق پوري ڪري وٺي. صوبائي وزير اطلاعات چيو تہ سنڌ ۾ دادو، سکر ۽ جيڪب آباد جي جيلن ۾ انهن جي مهمان نوازي لاءِ انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن. جيڪڏهن جيل گهٽ پئجي پيا تہ رني ڪوٽ ۾ پي ٽي آئي جي ماڻهن لاءِ خاص جيل قائم ڪنداسين.

بقايا *** 05

۾ نگران جج رهيو ان مان انصاف جي اميد ناهي جڏهن تہ جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي جي آڊيو ليڪ جو ناقابلِ ترديد ثبوت سامهون اچي چڪو آهي، سنڌس غيرجانبداري تي سوال اٿي چڪو آهي. هن چيو تہ ٻئي جج نواز شريف بابت ڪيئي ڪيسن ۾ سنڌس خلاف فيصلا ڏئي چڪا آهن جن ۾ پاناما، پارٽي ليڊرشپ، پاڪ پتڻ الاٽمينٽ ڪيس، رمضان شوگر ملزجا ڪيس شامل آهن. هن وڌيڪ چيو تہ قانون ۽ عدالتي روايت آهي تہ تڪراري جج لاڳاپيل ڪيس جي ٻڌڻي کان پاڻ کي رضاڪاراڻي طور الڳ (ريڪيوز) ڪري وٺندا آهن. متاثر ڌر جي درخواست تي بہ تڪراري بئنچ کان ڌار ڪرڻ جي روايت آهي. گهرو وزير چيو تہ ن ليگ جي قانوني ٽيم ٻنهي ججن کي نواز شريف ۽ پارٽي جي ٻين اڳواڻن جي ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻ وارين بئنچن کان ڌار ٿيڻ جو چوندي.

بقايا *** 06

دعا ڪئي آهي تہ الله سائين مرحومن کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پونئرن کي صبر جي سگهہ عطا فرمائي، آمين.

بقايا *** 07

ڪميشن جيڪو فيصلو ڪندي قبول آهي. هن چيو تہ ماضيءَ جي ڪيترين ئي چونڊن ۾ جماعت اسلامي هارايو آهي.

بقايا *** 08

ڊار ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ چين طرفان پاڪستان لاءِ ستر ڪروڙ ڊالر جي فنانسنگ جي منظوري جو اطلاع ڏنو ناڻي واري وزير چيو تہ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کي اها رقم هفتي اندر ملڻ جي اميد آهي ۽ رقم ملڻ سان پاڪستان جي متاسنا ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافو ٿيندو

بقايا *** 09

نوٽيفڪيشن جي مطابق سکر فوڊ ريجن ۾ 104 ڪڻڪ جي خريداري مرڪزن (WPCs) جي منظوري ڏني وئي. حيدرآباد ۽ ميرپور خاص فوڊ ريجنز ۾ ڪڻڪ جي خريداري جي 126 مرڪزن (WPCs) جي منظوري ڏني وئي. شهيد بينظيرآباد فوڊ ريجن ۾ 116 ڪڻڪ جي خريداري جي مرڪزن (WPCs) ۽ لاڙڪاڻي فوڊ ريجن ۾ 120 ڪڻڪ جي خريداري مرڪزن (WPCs) جي منظوري ڏني وئي.

بقايا *** 10

اي آئي ڊي سميت ٻين ڊونر ادارن جو ڪردار قابل تعريف آهي. جڏهن تہ پيپلز پارٽي جي عوامي حڪومت تعليم، صحت، انفراسٽرڪچر تي هنگامي بنيادن تي ڪم ڪري رهي آهي. ان کان اڳ صوبائي وزير پنوعاقل سٽي ۾ پيپلز پارٽي جي سينيئر ڪارڪن حاجي واحد بخش منگي جي عيادت ڪئي. هن چيو تہ واحد بخش منگي پيپلز پارٽي جي سينيئر ورڪر آهن. ان کي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهي. ان موقعي تي صوبائي وزير سان گڏ ڄام آصف رزاق ڌاريجو سردار علي گوهر خان انڙ، پيپلز پارٽي پنوعاقل تعلقي جي صدر ميان عبدالقوي انڙ سميت ٻين پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪن موجود هئا.

بقايا *** 11

پرڏيهي آفيس طرفان سماجي رابطن جي ويب سائيٽ تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ بچاءَ واري وزير جي اڳواڻيءَ ۾ اعلي سطحي وفد ڪابل پهتو آهي جيڪو افغانستان جي عبوري حڪومت سان سيڪيورٽي توڙي دهشتگردي جي خاتمي بابت مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو. افغان وزيراعظم جي آفيس مان جاري ڪيل تصويرن ۾ پاڪستاني وفد کي معاشي مامرن واري نائب وزيراعظم عبدالغني سان اجلاس ۾ ڏسي سگهجي ٿو تصويرن ۾ خواجا آصف، ڊي جي آءِ ايس آءِ نديم انجم، پرڏيهي سيڪريٽري اسد مجيد خان ۽ افغانستان لاءِ پاڪستان جو خاص نمائندو محمد صادق نظر اچي رهيا آهن.

بقايا *** 12

جنهن ڪانپوءِ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو کي گرفتار ڪيو ويو عدالت گذريل ڏينهن ٻڌڻي بعد محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو دادو جي مقامي عدالت پاران ضمانت واري درخواست رد ٿيڻ تي پوليس ڪريم بخش چانڊيو کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو عدالت پاران پوليس گهرائي ميهڙ جي اڳوڻي ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو کي گرفتار ڪرايو ويو ڪيس جي ٻڌڻي جي موقعي تي ام رباب بہ عدالت ۾ پيش ٿي، عدالت ۾ ڳالهائيندي ام رباب چيو تہ اڳوڻي ايس ايڇ او جي گرفتاري اسان جي ٻي فتح آهي. عدالتن تي اعتماد سبب پيرين اگهاڙي بہ پهچندي هيس. هن جو چوڻ هو تہ جج پاران پوليس گهرائي ايس ايڇ او کي گرفتار ڪرائڻ وڏي معنيٰ رکي ٿو ايس ايڇ او جي گرفتاري جاگيردارن ۽ سنڌن ٽولن لاءِ خطري جي گھنٽي آهي.

بقايا *** 13

حل موجود آهي اسان انهن وسيلن کي بهتر طريقي سان استعمال ڪري سگهون ٿا ان لا سڀ گڏ ٿيا آهيون هن اها ڳالهہ ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن کي وڌيڪ اثرائتي نموني استعمال ڪرڻ جي حوالي سان ڪوٺايل مشاورتي اجلاس کي خطاب ڪندي چئي هن چيو تہ ٿر جي ڪوئلي جا ذخيرا ۽ سنڌ صوبي جا قدرتي وسيلا توانائي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ بهترين وسيلا آهن ۽ سخت معاشي بحران مان نڪرڻ لاءِ ايڪسپورٽ فيول تي خرچ ٿيندڙ پرڏيهي متاسنا جي تمام گهڻي بچت آهي. امتياز شيخ چيو تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان انهن وسيلن کي بهتر نموني استعمال ڪريون. هن وقت ٿر ڪول ذاڪر مان 2600 ميگا واٽ بجلي نيشنل گرڊ ۾ وڃي رهي آهي. ٿر ڪول رزرو توانائي جو سستو ذريعو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ هي مشاورتي اجلاس اهو ڏسڻ لاءِ رکيو ويو آهي تہ ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن مان وڌيڪ ڇا ٿي سگهي ٿو ۽ سنڌ حڪومت چاهي ٿي تہ ماهرن جي مشاورت سان ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن جي وڌيڪ موثر استعمال کي يقيني بڻايو وڃي. سنڌ ڪابينا کي هن مشاورتي اجلاس جي تجويزن کان آگاهہ ڪيو ويندو. سنڌ حڪومت ريلوي واري وفاقي وزارت جي تعاون سان ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن کي مين ريلوي لائين سان ڳنڍڻ جي منصوبي تي بہ ڪم ڪري رهي آهي جيئن ٿر مان ڪوئلو ملڪ جي ٻين انرجي پلانٽس تائين پهچايو وڃي ۽ ٿر جو ڪوئلو ايڪسپورٽ فيول جو متبادل بڻجي سگهي. هن چيو تہ هو ان منصوبي تي تيزي سان ڪم ڪري رهيا آهن امتيازشيخ وزيراعظم ۽ وفاقي حڪومت جي ميمبرن جو تعاون ڪرڻ تي ٿورا مڃيندي چيو تہ وزيراعظم پاڪستان وڏي دلچسپي ورتي ۽ ڀرپور تعاون ڪيو جيڪي بہ مسئلا آهن انهن کي دور ڪيو ويندو سنڌ جي توانائي واري وزير ميڊيا سان ڳالهائيندي هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ پي ٽي آءِ حڪومت جي پاليسين سنڌ حڪومت جي منصوبن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي هن وزيراعظم پاڪستان کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ جي توانائي منصوبن جي راهہ ۾ رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن. هن چيو تہ بايو گيس بابت اسان وٽ جيڪو منصوبو آهي ان تي جلد عمل ڪيو ويندو مشاورتي اجلاس ۾ ڊاڪٽر قيصر بنگالي، سيڪريٽري توانائي سنڌ ابوبڪر مدني، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٿر ڪول انرجي بورڊ خادم حسين چنا، مالي معاملن جي ماهر ۽ ميمبر ٿر ڪول ٽيرف ڪميٽي عمار حبيب خان، مائننگ ماهر ۽ ميمبر ٿر ڪول ٽيرف ڪميٽي فهد عرفان صديقي شرڪت ڪئي. ۽ واپاري برادري جي اهم نمائندن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز پڻ پنهنجا ويچار ۽ تجويزون پيش ڪيون.

بقايا *** 14

ڪيل عورت گراناز جي يرغمال بڻايل هڪ ڌيءُ ۽ وڌيڪ 4 پٽن جي بازيابيءَ لاءِ پوليس ڪوئيٽا ۽ بارکان ۾ سردار جي گهرن تي ڇاپا هنيا هنيا ويا پوليس جو چوڻ آهي تہ ڇاپن دوران ڪين ڪو بہ مغوي يا يرغمال بڻايل ماڻهو نہ مليو. سردار عبدالرحمان کيتران جي پٽ انعام کيتران سردار عبدالرحمان وٽ مبينا طور ٻانڌي بڻيل خاندان جون تصويرون جاري ڪري ڇڏيون عبدالرحمان کيتران جي پٽ انعام کيتران چيو آهي تہ منهنجو پيءُ هڪ ظالم شخص آهي. هن کيترن ئي مظلومن کي ٻانڌي بڻائڻ کانسواءِ قتل بہ ڪرايو آهي. ڪيس فوري گرفتار ڪيو وڃي

بقايا *** 15

500 ايڪڙ تي فارم هائوس آهي. 40 ايڪڙ تي رڳو باغ آهن. ڪيترن ئي ايڪڙن تي فش فارم آهن. 2 ارب رپين کان ماليت جو گهر بڻايو آهي. ورلڊ ڪلاس فرنيچر رکيل آهي. هڪ هڪ ميز 15.15 لک رپين جي آهي. سينئر صحافي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو تہ فيض حميد وٽ سولر پلانٽ تي نجي بجلي سسٽم آهي. عظيم الشان محل بڻايو ويو آهي. ڪروڙين رپين جا روڊ نهرائي انهن تي فيض حميد جي نالي جون تختيون لڳايون يون آهن. آهي روڊ عام ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ ممنوع قرار ڏنل آهن. فارم جي ٻنهي سائيڊن تي خاردار تارون لڳل آهن. پورو نمبر اربين رپين جو مالڪ بڻجي ويو آهيئين پاڪستان جي نالي پاڪستان جي ادارن کي نقصان پهچايو ويو

بقايا *** 16

چيمبر ۾ ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ عدالت رجسٽرار آفيس جا اعتراض برقرار رکندي اعتراضن خلاف اپيلون خارج ڪري ڇڏيون. ٻڌڻي دوران جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو تہ سائفر جي جاچ ڪرائڻ حڪومت جو ڪم آهي، عدليا ڇو مداخلت ڪري؟ مبينا عالمي سازش ذريعي عمران جي حڪومت ختم ڪرڻ جي جاچ ان وقت جي وزيراعظم چاهي ها تہ پاڻ ڪرائي سگهي پيو. عدالت ٻڌي سڌي تہ جاچ جو حڪم ڪيئن ڏئي سگهي ٿي، اسان افواهن تي يقين نٿا رکون. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وڪيل جي ايم چوڌري سان مڪالمو ڪيو تہ سپريم ڪورٽ جي پر ۾ پارليامنٽ جي عمارت قائم آهي، وڃو وڃي پارليامنٽ کي چئو هو اسانکي اختيار ڏين پوءِ اسان مداخلت ڪري سگهون ٿا. سڀ ٻڌل ڳالهيون آهن ٻڌڻي دوران وڪيل جي ايم چوڌري پاڪستان ڪميشن آف انڪوائري جو حوالو ڏنو جنهن ۾ تي جسٽس قاضي فائز چيو تہ ڪميشن آف انڪوائري ايڪٽ ۾ انڪوائري ڪميشن جوڙڻ جو اختيار بہ حڪومت وٽ آهي. جنهن جو ڪم آهي تہ اُن کي ڪرڻ کپي، اُن سان مُلڪ اڳتي وڌندو بعد ۾ عدالت رجسٽرار آفيس جي اعتراض برقرار رکي ۽ درخواستون رد ڪري ڇڏيون

بقايا *** 17

پينا فليڪس هٽي ماڻهن کي ٻڌائي تہ درياهہ مان فراهم ٿيندڙ پاڻي زهريلو آهي. اسان توهان کي زهريلو پاڻي پياري رهيا آهيون سکر واسين کي گدلو پاڻي فراهم ڪرڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران پاڻي بابت جوڙيل ڪميٽي ۽ نجي ليبارٽري سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ رپورٽ پيش ڪري ڇڏيرپورٽ ۾ شهرين لاءِ فراهم ٿيندڙ پاڻي کي انساني صحت، آبي توڙي جنگلي جيوت لاءِ بہ زهريلو قرار ڏنو ويو. رپورٽ ۾ چيو ويو تہ گندي پاڻي جي فراهمي سبب ماڻهو ڪاري ڪامڻ ۽ گڙدن جي بيماري ڪانسواءِ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ بہ مبتلا ٿي رهيا آهنعدالت رمارڪس ڏيندي چيو تہ صورتحال انتهائي خطرناڪ آهي. درياهہ کي ڊرينيج ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ اسان ڪنڌ مٿي ڪٽي گهمي رهيا آهيونعدالت حڪم ڏنو تہ ڊپٽي ڪمشنر ۽ هيلٿ آفيسر ماڻهن کي ٻڌائين تہ هي زهريلو پاڻي آهي نہ پيئوعدالت پبلڪ هيلٿ ۽ ميونسپل ڪاتن کي مسئلي جو حل ڳولي ايندڙ اگاري تي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا *** 18

جو چوڻ آهي تہ وزير سرڪاري آفيس ۾ خزاني ۾ ڪجهہ بہ خرچ نہ ڪندا. سرڪاري آفيسن ۾ بجلي جو گهٽ کان گهٽ استعمال جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ غيرضروري پرڏيهي دورن تي پابندي هوندي. ذريعن موجب وزيراعظم ۽ وزارتن جا خرچ پڻ گهٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پرڏيهي وزارت کي بہ فارين مشن واري اسٽاف کي گهٽائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ سرڪاري آفيسرن ۽ وفاقي ڪابينا جي ميمبرن لاءِ بزنس ڪلاس سفر تي پابندي لڳائي وئي آهي، ڪابينا ميمبرن ۽ سرڪاري آفيسر فائيو اسٽار هوٽل ۾ نہ ترسندا. جڏهن تہ سرڪاري تقريبن ۾ ڊنر ۽ لنچ ۾ ون ڊش جي پابندي هوندي.

بقايا *** 19

موجب ان پلاٽ جي وڪري ۽ خريداريءَ بابت ناميارن صحافي عبدالقيوم صديقي انڪشاف ڪيو هو ۽ ٻڌايو هو تہ پلاٽ 44 رپيا ساليانو جي حساب سان هڪ آئيني اداري جي پڳوان کي 10 ڪروڙ رپين عيوض 24 جون 2022 ع تي وڪرو ڪيو ويو هو ۽ 25 جون 2022 ع تي پلاٽ ان پڳوان نالي ٿي ويو هو رقم ڪيئن ادا ڪئي وئي بينڪ ذريعي، نقد رقم جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ادائگي ڪئي وئي هئي ان بابت ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي.

بقايا *** 20

اُهي سمارٽ فون استعمال نہ ڪري سگهندا. جڏهن تہ ڀڃڪڙي ڪرڻ وارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 21

نہ ڪرائڻ سبب ادارن جي ساک متاثر ٿي رهي آهي.

بقايا *** 22

استعيفيٰ ڏني. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مريم اورنگزيب چيو تہ ملڪ جون حالتون ڪجهہ بهتر ٿينديون آهن تہ عمران خان نئين تماشي جو اعلان ڪري ڇڏيندو آهي. هن چيو تہ جيل ڀريو تحريڪ ملڪ خلاف سازش آهي. نون مهينن کان ملڪ ۾ تماشو لڳل آهي، پي ٽي آءِ ملڪ کي معاشي طور تباهہ ڪيو وفاقي وزير چيو تہ عمران خان وزارت عظميٰ جي منصب تي ويهي رياستي طاقت جو استعمال ڪري پنهنجا کيسا ڀريا. ان ٽولي سياسي مخالفن کي جيل ۾ وڌو سرڪاري خزاني کي استعمال ڪري مخالفن لاءِ استعمال ڪيو.

بقايا *** 23

ڪي اين شاهہ طرف روانو ٿيو ام رباب چانڊيو بہ پيادل مارچ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي زين شاهہ چيو آهي تہ حالتون تمام گهڻيون خراب آهن. سنڌ جي حقن لاءِ سيني کي سجاڳ ٿيڻو پوندو هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت عوام جو پيسو لٽيو آهي. جيڪو واپس ڪرايو وڃي. سنڌ ٻوڙائيندڙن جو احتساب ضروري آهي.

بقايا *** 24

جسٽس فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس داخل ٿيو هو ملڪ جون بار ڪائونسلون جسٽس فائز عيسيٰ جي حمايت ۾ ميدان تي اچي ويون هيون جڏهن تہ ساڳي اعليٰ عدالت جي جسٽس مظاهر علي نقوي خلاف ملڪ جي سمورين بار ڪائونسلن ريفرنس داخل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. هوڏانهن هڪ صحافي حسن ايوب ٽوئيٽ ڪيو آهي تہ سپريم ڪورٽ ۾ هفتي اندر وڏيون تبديليون اچڻ واريون آهن ڏسڻو اهو آهي تہ ڪهڙي قسم جون اهم تبديليون اچي رهيون آهن.

بقايا *** 25

جا بہ سهولتڪار ڪراچي ۾ موجود آهن. جن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهنرپورٽ موجب 17 فيبروري تي ڪي پي او آفيس تي دهشتگردن حملو ڪيو ڊي آءِ جي ذڪڻ عرفان بلوچ جي اڳواڻي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو ويورپورٽ موجب جوابي ڪارروائي ۾ هڪ دهشتگرد پاڻ کي ٽين منزل تي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو. جوابي ڪارروائي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا. واقعي جو ڪيس 18 فيبروري تي داخل ڪيو ويو سي ٽي ڊي موجب حملي ۾ رينجرز ۽ پوليس اهلڪارن سميت 5 ڄڻا شهيد ۽ 18 ڄڻا زخمي ٿي پيا. جڏهن تہ مارجي ويل دهشتگردن جو تعلق پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان سان آهيسي ٽي ڊي اختيارين رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ ٽي دهشتگرد ڪار ۾ پوليس صدر لائن پهتا. گاڏي کي بہ تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. ڪار سوار دهشتگردن سان گڏ 2 وڌيڪ دهشتگرد موٽرسائيڪل تي آيارپورٽ موجب دهشتگردن وٽان 5 دستي بم ۽ 2 آپگهاتي جيڪٽس هٿ ڪيون جن کي ناڪاره بڻايو ويو پوليس آفيس ۾ موجود سمورن ماڻهن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا آهن

بقايا *** 26

هن چيو تہ تباهي آڻيندڙن جو احتساب رڳو ووٽ ذريعي ئي ممڪن آهي. هن چيو تہ حڪمرانن جا شاهي خرچ عروج تي آهن احساس مري ويو آهي. عوام جو جيئڻ ڏکيو ٿي ويو آهي، مهانگائي گهٽ ڪرڻ جي پونڌي. سراج الحق چيو تہ عوام ن ليگ، پ پ ۽ پي ٽي آءِ کي گهڻو آزمايو آهي. جيڪڏهن ٽئي پارٽيون سئو سال بہ اقتدار ۾ رهنديون تہ بہ ملڪ ترقي نہ ڪندو جماعت اسلامي جي امير جو وڌيڪ چوڻ هو تہ عوام خوشحالي، امن ۽ انصاف گهري ٿو

بقايا *** 27

معاملي جو پ پ اڳواڻ امرخان ڀڳهيو جي سرپرستي ۾ جرڳو ٿيو ٽينڪري جي چاچي موجب جرڳي دوران زبير ناتڙي ۽ غلام محمد ناتڙي تي 30 لک روپيا ڏنڊ هنيو ويو جن مان 6 لک معاف ڪيا آهناپس ايڇ او ويهڙ موجب 4 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٿيل آهي. ڌريون لکي ڏينديون تہ پوءِ ڪيس خارج ڪنداسين

بقايا *** 28

کسڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊي آءِ جي ٽريفڪ جو چوڻ آهي تہ چيڪنگ دوران موٽرسائيڪل سوار کي روڪو تہ ان بدتميزي ڪئي. هن چيو تہ موٽرسائيڪل سوار اهلڪار کان سرڪاري هٿيار ايس ايم جي رائيفل کسڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊي آءِ جي جو چوڻ هو تہ موقعي تي موجود اهلڪارن نوجوان کي پڪڙي چوڪي تي آندو موٽرسائيڪل سوار خلاف قائدآباد ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي، ان جي چوڪي ۾ ويهڻ جي وڊيو بہ سامهون آئي آهي.

بقايا *** 29

سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ عمران خان چيو تہ اسان وٽ ٻہ وڏا سبب آهن جنهن جي بنياد تي اسان حقيقي آزادي لاءِ جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪري رهيا آهيون . پهريون اهو تہ هي تحريڪ پرامن آهي ۽ آئين تي حملي ۽ بنيادي حق نہ ملڻ خلاف احتجاج آهي. هن چيو تہ ٻيو ڪارڻ اهو آهي تہ اسان شرمناڪ طور تي ايف آءِ آر، نيب ڪيسن ۽ حراستي تشدد کي منهن ڏئي رهيا آهيون، اسان جي صحافين ۽ سوشل ميڊيا جي ماڻهن تي حملا ڪيا پيا وڃن. عمران خان چيو تہ اسان جي تحريڪ مني لانڊرز، ملڪ جي دولت لٽڻ ۽ پاڻ کي اين آر او ڏئي ملڪي معيشت برباد ڪرڻ وارن خلاف آهي. سنڌس چوڻ هو تہ خاص طور غريب ۽ مڊل ڪلاس طبقو مهانگائي ۽ بيروزگاري جي بوجهہ هيٺ دٻجي ويو آهي. سمورن پاڪستانين کي اپيل آهي تہ هو پنهنجي حقيقي آزادي لاءِ اسان جي جيل ڀريو تحريڪ ۾ حصو وٺن هن وڌيڪ چيو تہ هي تحريڪ ملڪ کي آزاد ۽ خوشحال پاڪستان بڻائيندي، مُلڪ تڏهن خوشحال ٿيندو جڏهن تہ رياست اوهان جي بنيادي حقن جي حفاظت ڪندي. جيل ڀريو تحريڪ جهاد جو نالو آهي، هڪ آزادي جو نالو آهي. جيترا گهڻا ماڻهو هن تحريڪ ۾ حصو وٺندا اوترو جلدي اسان پنهنجن مقصد تي پهچنداسين.

بقايا *** 30

ڪندي چيو آهي تہ عمران خان سيني سياستدانن سان وڙهي ويلو آهي. ڪراچي مان جاري ڪيل بيان ۾ سيد ناصر حسين شاهہ وڌيڪ چيو تہ هاڻي پرويز الاهي پنهنجي ڀاءُ سان وڙهي عمران خان سان گڏ ويلو آهي، هن دلچسپ انداز ۾ چيو تہ "اب خوب گذري گي مِل کي بيٺين گي ديواني دَو". سيد ناصر حسين شاهہ جو وڌيڪ چوڻ هو تہ پيپلزپارٽي جي قيادت ۾ نوجوان اڳواڻ بلاول ڀٽو ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 31

حل موجود آهي اسان انهن وسيلن کي بهتر طريقي سان استعمال ڪري سگهون ٿا ان لا سڀ گڏ ٿيا آهيون هن اها ڳالهہ ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن کي وڌيڪ اثرائتي نموني استعمال ڪرڻ جي حوالي سان ڪوٺايل مشاورتي اجلاس کي خطاب ڪندي چئي هن چيو تہ ٿر جي ڪوئلي جا ذخيرا ۽ سنڌ صوبي جا قدرتي وسيلا توانائي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ بهترين وسيلا آهن ۽ سخت معاشي بحران مان نڪرڻ لاءِ ايڪسپورٽ فيول تي خرچ ٿيندڙ پرڏيهي متاسنا جي تمام گهڻي بچت آهي. امتياز شيخ چيو تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان انهن وسيلن کي بهتر نموني استعمال ڪريون. هن وقت ٿر ڪول ذاڪر مان 2600 ميگا واٽ بجلي نيشنل گرڊ ۾ وڃي رهي آهي. ٿر ڪول رزرو توانائي جو سستو ذريعو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ هي مشاورتي اجلاس اهو ڏسڻ لاءِ رکيو ويو آهي تہ ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن مان وڌيڪ ڇا ٿي سگهي ٿو ۽ سنڌ حڪومت چاهي ٿي تہ ماهرن جي مشاورت سان ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن جي وڌيڪ موثر استعمال کي يقيني بڻايو وڃي. سنڌ ڪابينا کي هن مشاورتي اجلاس جي تجويزن کان آگاهہ ڪيو ويندو. سنڌ حڪومت ريلوي واري وفاقي وزارت جي تعاون سان ٿر جي ڪوئلي جي ذخيرن کي مين ريلوي لائين سان ڳنڍڻ جي منصوبي تي پڻ ڪم ڪري رهي آهي جيئن ٿر مان ڪوئلو ملڪ جي ٻين انرجي پلانٽس تائين پهچايو وڃي ۽ ٿر جو ڪوئلو ايڪسپورٽ فيول جو متبادل بڻجي سگهي. هن چيو تہ هو ان منصوبي تي تيزي سان ڪم ڪري رهيا آهن امتيازشيخ وزيراعظم ۽ وفاقي حڪومت جي ميمبرن جو تعاون ڪرڻ تي ٿورا مڃيندي چيو تہ وزيراعظم پاڪستان وڏي دلچسپي ورتي ۽ ڀرپور تعاون ڪيو جيڪي بہ مسئلا آهن انهن کي دور ڪيو ويندو سنڌ جي توانائي واري وزير ميڊيا سان ڳالهائيندي هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ پي ٽي آءِ حڪومت جي پاليسين سنڌ حڪومت جي منصوبن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي هن وزيراعظم پاڪستان کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ جي توانائي منصوبن جي راهہ ۾ رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن. هن چيو تہ بايو گيس بابت اسان وٽ جيڪو منصوبو آهي ان تي جلد عمل ڪيو ويندو مشاورتي اجلاس ۾ ڊاڪٽر قيصر بنگالي، سيڪريٽري توانائي سنڌ ابوبڪر مدني، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٿر ڪول انرجي بورڊ خادم حسين چنا، مالي معاملن جي ماهر ۽ ميمبر ٿر ڪول ٽيرف ڪميٽي عمار حبيب خان، مائننگ ماهر ۽ ميمبر ٿر ڪول ٽيرف ڪميٽي فهد عرفان صديقي شرڪت ڪئي. ۽ واپاري برادري جي اهم نمائندن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز پڻ پنهنجا ويچار ۽ تجويزون پيش ڪيون.

بقايا *** 32

چيما، اعظم سواتي ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ شامل آهن. ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي تہ اسان گرفتار ناهي ڪيو. هي پاڻ ئي پريزن وين تي اچي ويهي رهيا آهن. جڏهن تہ اسان کي حڪومت طرفان گرفتاري جو ڪو بہ حڪم ناهي مليو پوليس. اهلڪارن سميت سيني جي داخلا سي سي پي او آفيس ۾ روڪي ڇڏي جنهن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ ڪارڪن سي سي پي او آفيس آڏو روڊ تي ليٽي پيا. پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پوليس کان گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ڪارڪن وين تي چڙهي سيلفيون ناهيندا رهيا. پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا اڪائونٽ تان بہ گرفتاري ڏيڻ وارن اڳواڻن جون سيلفيون جاري ڪيون ويون آهن بعد ۾ ڪيئي ڪارڪن پوليس وين تان لهي ويا ۽ سي سي پي او آفيس کان واپس چيئرنگ ڪراس طرف روانو ٿي ويا. ٻئي پاسي پوليس ذريعن موجب پوليس تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتاري جي تياري ڪري ورتي آهي ۽ ڪين 3 ايم پي او تحت گرفتار ڪيو ويندو. ذريعن موجب گرفتار ماڻهن کي ميانوالي، اٽڪ ۽ ڊيرا غازي خان جي جيلن ۾ موڪليو ويندو پي ٽي آءِ اڳواڻ پوليس موبائيل جو شيشو ٽوڙڻ تي گرفتارپي ٽي آءِ جي اڳواڻ ميان عابد احتجاج دوران پوليس وين تي چڙهي ويو ۽ موبائيل تي لتون هنيون جنهن سبب موبائيل وين جو شيشو ٽٽي پيو واقعي بعد اڳواڻ ميان عابد ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس پيڇو ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هالا اريگيشن ڊويزن هالا

فون نمبر: 022_9200238

No: TC/G_55/270 of 2023 Hala dated: 17_02_2023

ٽينڊرن گهرائڻ جو نوٽيس

سنگل اسٽيج ٽو انويلپ طريقيڪار آچ عمل هيٺ سمورن ڪانٽريڪٽر/فرمز جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل فيلڊ ۽ موزون ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجن کان ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق الڳ مهربند لفافن ۾ مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

س. نمبر	تفصيل	ڪم جو ملهه	سوٽي رقم 5٪	تڪميل جو مدو	ٽينڊر في
	سعيد خان پمپنگ اسٽيشن جي لوڪيشن جي تبديلي جي بحالي ساڻ سعيد خان ڊسٽري جي رهيل ريچز جي لائننگ. (اي ڊي پي # 1516)				
1	سعيد خان پمپنگ اسٽيشن جي لوڪيشن جي تبديلي جي بحالي ساڻ سعيد خان ڊسٽري جي رهيل ريچز جي لائننگ.	435.501 ملين	21.775 ملين	24 مهينا	3000

1. پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار (سنگل اسٽيج ٽو انويلپ)
2. مٿي ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ خالي ٽينڊر فارم /پروپوزل دستاويز هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع ڪيمپ آفيس صدر حيدرآباد مان اين آءِ ٽي جي ايس پي پي آر اي تي هوسٽنگ/اشاعت جي تاريخ کان 13_03_2023 تي منجهند جو 03:00 وڳي تائين آفيس وقت دوران لکت ۾ درخواست ۽ طئي ٿيل ٽينڊر في (ناقابل واپسي) جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هالا اريگيشن ڊويزن هالا جي حق ۾ پي آرڊر/ڪيش ادائيگي تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.
3. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل تي ٻڌل ٽينڊر الڳ الڳ مهربند لفافن ۾ جن تي واضح طور تي "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "فنانشل پروپوزل" تي واضح لکيل هجي ۽ 14_03_2023 تي منجهند جو 12:00 وڳي تائين جاري ڪندڙ آفيس ۾ جمع ڪرايا ويندا. حصو وٺندڙ فرمن جا ٽيڪنيڪل پروپوزل ساڳئي ڏينهن تي منجهند جو ٽينڊر اوپننگ ڪميٽي ۽ حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽرز/فرمز يا انهن جي بااختيار نمائندن جو موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا. موڪل نه مليل ٽينڊرن جي صورت ۾ يا هيٺ صحيح ڪندڙ جي هيڊ ڪوارٽر مان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾ آڇون ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي منجهند جو 01:00 وڳي واپس ورتيون وينديون ۽ ان ساڳئي ڏينهن تي منجهند جو 02:00 وڳي ساڳين شرطن ۽ ضابطن تحت کوليون وينديون. پي آرڊر/ڪال ڊپازٽ/ اگهه جو 5 سيڪڙو جي برابر ايگزيڪيوٽو انجنيئر هالا اريگيشن ڊويزن هالا جي حق ۾ پي آرڊر جي شڪل ۾ جمع ڪرائيندڙ فرم /ايجنسي جي پنهنجي بينڪ اڪائونٽ مان جمع ڪرايا وڃن. سوٽي رقم کانسواءِ آيل ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا. ناڪامياب آڇ ڏيندڙن جي سوٽي رقم ڪامياب آڇ ڏيندڙ کي ورڪ آرڊر جاري ڪرڻ کان پوءِ واپس ڪيو ويندو
4. ڪوليل ٽيڪنيڪل پروپوزل فرمن جي ٽيڪنيڪل قابليت جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي. ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جون فنانشل آڇون/پروپوزل کليل نموني اعلانيل تاريخ ۽ وقت تي کوليون وينديون جنهن جو اطلاع ڪواليفائيڊ ڪندڙ ڪانٽريڪٽرز/فرمز کي ايڊوانس ۾ رابطو ڪري آگاهي ڏني ويندي. ٽيڪنيڪل ڪواليفائيڊ نه ٿي سگهندڙ ڪانٽريڪٽرز کي فنانشل آڇ/پروپوزل بنا کولئي واپس ڪيو ويندو
5. ٽينڊرز ڏيان سان ۽ صفائي سان ڀريل ۽ آڇ ڏيندڙ پاران دستخط ٿيل هجن. ٺيڪيدارن پاران ڏنل اگهه اکرن ۽ انگن ۾ لاڳو ڪرنٽ مارڪيٽ اگهن جي مطابق هجن. ٽيڪنيڪل پروپوزل سان بڊ سيڪيورٽي جمع ڪرائي وڃي. نامڪمل ٽينڊر، اوور رائيٽنگ يا شرطيا ٽينڊرن تي غور نه ڪيو ويندو
6. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (اين ٽي اين ڪاپي) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (سيلز ٽيڪس رجسٽريشن) سان رجسٽريشن ۽ مالڪ/پروپرائيٽرز جي قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي.
7. ڪنهن به هڪ کان وڌيڪ ايجنسي جي نمائندگي ڪرڻ جي اجازت ناهي.

(ٽيڪنيڪل پروپوزل)

8. ٽيڪنيڪل پروپوزل ڪمپني پروفائل سان گڏ هيٺ ڄاڻايل انفارميشن تي ٻڌل هجڻ گهرجي.
   a. تجربو ۽ ماضي جي پرفارمنس گذريل 06 سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ساڳي نوعيت جو 02 اسائنمينٽ هلايون ۽ مڪمل ڪيل هجن
   b. مشينري ۽ اڪيوپمينٽ جا تفصيل دستاويزي ثبوتن سميت جڏهن ۽ جتي ضرورت پوندي پيش ڪيا ويندا.
   c. لاڳاپيل ڪم جو سٺو تجربو رکندڙ ٽيڪنيڪل ۽ انتظاميا جو تفصيل
   d. گذريل 03 سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ ۽ پاڪستان رپين 200.00 ملين جي برابر رقم جو ٽرن اوور
   e. آچ ڏيندڙ جي لاءِ هدايتون، آچ جي تاريخ، ڪانٽريڪٽ جا شرط، ڪانٽريڪٽ جي تاريخ ايس بي ڊي ۾ ڄاڻايل آهي.
   f. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سرٽيفڪيٽ جو جون 2023 تائين جي موثر رهڻ جو مدو ساڻ فيلڊ اسپيشلسٽ ڪوڊ CE_04 ۽ سول ڪمن جا ٻيا لاڳاپيل ڪوڊز
   g. گذريل 03 سالن جي لاءِ حصو وٺندڙ ايجنسي جي آڊٽنگ (مالي) رپورٽ
   h. ٽيڪنيڪل پروپوزل هڪ اصل ۽ ٻن فوٽو ڪاپين سميت اصل حلف نامي سان ڪنهن مقدمي بازي ۾ ملوث ناهي/فرم ڪنهن به پروڪيورنگ ايجنسي وٽان بليڪ لسٽ ٿيل ناهي/ڄاڻ جا دستاويز ۽ ڏنل معلومات مڪمل سچ ۽ درست آهي.
9. آچون جمع ڪرڻ/ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي ناموزون حالتن يا سرڪار پاران عام موڪل جي اعلان جي صورت ۾ آچون ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي جمع ڪيون ۽ کوليون وينديون.ڊ
10. جيڪڏهن ٽينڊر جو عمل ڪي پهرين دفعي ۾ موٽ نه ملي ته ٻئي دفعي جي لاءِ شيڊيول هيٺين ريت هوندو.

	جاري ڪرڻ جي تاريخ تائين	جمع ڪرڻ جي تاريخ	کولڻ جي تاريخ
ٻيو دفعو	28_03_2023 تي منجهند جو 12:00 وڳي	29_03_2023 تي منجهند جو 12:00 وڳي	29_03_2023 تي منجهند جو 1:00 وڳي

11. پروڪيورمينٽ ايجنسي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل شقن موجب ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرز کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
12. شرطيا ٽينڊرز تي غور نه ڪيو ويندو
13. آچ ڏيندڙ پروڪيورنگ ايجنسي وٽان جاري ٿيل آچ دستاويزن يا اٿارٽي جي ويب سائيٽ سان ڊائونلوڊ ڪيل دستاويزن تي ٽينڊر في جي ميل/ ڪوريئر يا هٿوهٿ ادائيگي تي آچون جمع ڪرائي سگهن ٿا
14. آچ جي موثر رهڻ جو مدو 90 ڏينهن آهي

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هالا اريگيشن ڊويزن
هالا

INF/KRY No: 674/23

SAY NO TO CORRUPTION | WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ